# ٽڙندڙ مکڙيون

(ناول)

87

50

Gul Hayat Institute

ڪوڙومل چندنمل

# ٽڙندڙ مکڙيون

ترجمو ڪندڙ

**ديوان ڪؤڙومل چندنمل**

١٩٣٦

Gul Hayat Institute

قيمت سوا روپيو

ڇپائيندڙ:-

**ڪؤڙومل سنڌي ساهتيہ منڊل**

سدار سيا، حيدرآباد سنڌ.

---

Printed by Mr. Sumairsingh Harsasingh at the People's Printing Press West katcha, Hyderabad Sind,
& Published by Mr. Hari Sunder Rupchand for the Kauromal Sindh Sahit Mandal, East Katcha, Hyderabad Sind.

# پرستاونا

ديوان ڪوڙومل صاحب هڪ هاڪارو ۽ نامياري سنڌي عالم هو. هن جو نالو سڄي سنڌ ۾ سندس علمي لياقتن، نيڪ اعمالن ۽ اوچن آدرشن ڪري اڄ تائين به پرسڌ آهي. ديوان ڪوڙومل اُن وقت جي سهڻن ڳڻن ۽ سچن ديش ڀڳتن مان هڪ هو، جنهن سمي ۾ سنڌ ۾، خاص ڪري اسانجي حيدرآباد نگر ۾، پرماتما جي ڪرپا سان ساڌو نولراءِ، ساڌو هيرانند، راج رشي ديارام، ڀائي ڪلاچند، ڀائي مولچند، ڀڳت روپچند ۽ ٻيا ڪيترا ست پرش اسٿول شوڀو ۾ قائم هئا ۽ سندن سڳند سنڌ جي ڪنڊ ڪرڇ ۾ پکڙيل هئي- جنهن سڳند هر هڪ گرهستيءَ جي گهر ۾ واسو ٿي ڪيو. انهن ست پرشن ۽ سائين لوڪن جو خاص مقصد هو، سادگي، نهٺائي، حليمي، همدردي، پرماتما جو ڀڄن، غريبن اناٿن جي شيوا، ابلائن ۽ اناٿن تي ديا جو هٿ ڏکيرڻ ۽ ٻين اهڙن ديا ڌرم جي ڪمن ۾ ماٺهو ڀاڱ موڪين.

ديوان ڪوڙيمل ۽ انهن ست پرشن جي اهائي ڪوشش ۽ چاهنا هئي، ته ديس جون ڀمگتي اوڻايون دور ٿين، گهرن مان گهٽي ڪانڪل نڪري وڃي، گهرو جيوني سک سمپتيءَ واري ٿئي ۽ ننڍڙن ٻالڙن ۾ سٺا سٺا سنسڪار وجهجن، جو هو وڏي هوندي ديس جا گهڙا پريندڙ ٿين ۽ آدرشي جيون گذارين.

سان پڙهندڙن آهن ۽ ڌرم ڪرم جا عمدا مثال اڳيان رکي، پاڻ سڌارڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهن ٿيون.

سنڌي ساهتيه جي هن صاحب تحسين جوڳي خدمت ڪئي آهي- بڙ ڌ اوستا ۾ بنگالي سکي ڪيترا عمدا ڪتاب بنگاليءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپايائين، جن مان ٽي مکيه هي آهن:-

**١- ڪرم ڦل يا ڪير جو ڪير پاڻيءَ جو پاڻي**

**٢- ٻه مذهبيون**

**٣- راڌا راڻي**

هي ٽيئي پنگتي ناول پڙهڻ وٽان آهن. اهي ٽيئي ڪتاب ٽيهارو کن سال اڳي ڇپايل هئا. هن وقت اُنهن جي گهٽي گهرج ڏسي، ٽيئي گڏ هڪ ڳٽڪي ۾، ۽ هڪ هڪ جدا جدا منڊل پاران ڇپايا ويا آهن، جو سرڳواسي ديوان ڪوڙي مل صاحب جي اها دلي چاهنا هئي، ته سندس ڪتاب وقت به وقت ڇپبا رهن، ته پبلڪ اُنهن جو فائدو وٺندي رهي؛ ۽ اُنهن جي اُپت مان جدا جدا ڌرمي، پدگتي ۽ تعليمي سنستائن کي دان ڏنو وڃي. ان ڀاونا جي پوري ڪرڻ لاءِ منڊل دل و جان سان ڪوشش ڪري، ديوان صاحب جي پوتر آتما جي آسيس حاصل ڪرڻ لاءِ، پنهنجي نماڻي نموني ۾ سعي ڪار رهندو اچي.

**جڳترا ايسر داس شو داساڻي**

Gul Hayat Institute

# ڪرم جو ڦل

ميمن سنگهہ ضلع جو اپراندي بنگال جي ٻين ضلعن جي ڀيٽ ڪري وڏيڪ ٽڪرائتو آهي. انهن ۾ مدن پور نالي هڪ ڳوٺ آهي. انهي ڳوٺ ۾ ويهارو ورهيه ٿيا ته هڪ ٻوڙهو زميندار رهندو هو. سندس آب مان آس پاس وارن ڳوٺن جي رهاڪن ۾ نه رڳو انهي ڪري سرس هو جو هو هڪڙي آڳاٽي ۽ آکهائتي ڪٽنب جو سرومڻي هو پر انهي ڪري به جو هو دل ۽ دماغ جي اوچن گڻن جي کاڻ هو. سائينءَ جي هن ٻوڙهي تي جهجهي ٻاجهه هئي. ڌن دولت ۽ سکن جي ڪمي ڪا نه هيس ۽ پٽن پوٽن جو وڏو ڏل هوس. رڳو ٻرني مڙس جي گهر واري چلي ويئي هئي جنهنڪري ٽن ورهين کان رنڙ ٿيو ويٺو هو. پر پٽن پوٽن جي خوشي کيل کوڏ ۽ ناچ ٽاپ جي ڪري هنکي پنهنجي استريءَ جي نه هجڻ جي ليکا ڪا نه ٿي پيئي. پٽس کيس ڏاڍو پيار ڪندا ها ۽ ڪڏهين به ڪو اهڙو ڪم نه ڪندا ها جنهنڪري هو ناراض ٿئي. سداءِ اهڙي پر وتندا ها جو هن جا سڀ ڪم گهرجون پاڻمراديون پيون پوريون ٿينديون هيون ۽ هونءَ به سندس سک ۽ آرام ۾ ڪوبه

اٽڪاءُ يا وگهڻ ڪونه پوندو هو ڇو ته پاڻ ڏنوئت ۽
پڇنديءَ وارو هو.

مطلب انهن سڀني ڳالهين مدن پور جو ڇوڪري
ڪرشن پرساد ڏاڍو سکيو ۽ پاڳه وارو ليکبو هو ۽ ماڻهو
هنجي پاڳه جي ريس ڪندا ها. هو پاڻ به ائين سمجهندو
هو ۽ اهوئي سبب هو جو هنڪري هن جي والان ڪڏهين
ڪنهن اوهائي جو اکر به ڪونه ٻڌو هو. هنجي جاءِ تمام
وڏي هئي ۽ هنجي بناوت ڪي ڪجهه پراڻي هندوي
نموني تي ۽ ڪي ڪجهه هاڻوڪي يوروپي نموني تي
ٺهيل هئي. هيءَ وڏي ۽ شاندار جاءِ ستن محلن ۾ ورهايل
هئي ۽ هرهڪ محل ۾ وري ڪيتريون ڪوٺيون هيون.
جيتوڻيڪ جاءِ اهڙي موڪري ۽ ايتري ڏرائي لي
ٺهيل هئي جو منجهس جيڪر سڄو ڳوٺ ماپي وڃي
ته به هنجو ڪوئي ڀاڱو وسندي بنا نه هو. هڪڙو سندس
ڪٽنب جهجهو هو بيو وري نوڪر چاڪر ۽ ڪم ڏيندي
وارا ماڻهو ايترا وڏي ويا هوا جو سڄي جاءِ جي ڪابه
ڪنڊ پالهي نه هئي. ڪرشن پرساد جي گهر واريءَ جو
چالاڻو ٿيو لڏهين هوءَ چار پٽ ۽ چار ڌيئر ڇڏي ويئي.
ڇوڪريون چارئي ورن واريون هيون ۽ هرهڪ ڪيترن
ٻارن جي ماءُ هئي؛ ڇوڪر اڃا سڀ ڪنوارا هوا ۽ عمر
۾ ڪا ايڏي وڏي ڪانه ٿي ويئي هئين؛ سڀني ۾ جو
وڏو نيمگر هو تنهنجي ڄمار ٢١ ورهيه مس هئي.

Gul Hayat Institute

ڪرشن پرساد جيتوڻيڪ پراڻن نمونن جو ماڻهو هو ته به سماجڪ سڌاري جو ڏاڍو ڪوڏيو هو. هنجي اچا هئي ته پٽن کي تيسين نه پرڻايان جيسين هو پڪا جوان نه ٿين ۽ اهوئي ڪارڻ هو جو سندس وڏو پٽ رامچند اڃا ڪنوارو ويٺو هو. انهيءَ جاءِ ۾ ڪرشن پرساد جي ڀيڻ جو ڇڙو ڇوڙيل پٽ ڪاليداس رهندو هو، ۽ هو عمر ۾ رامچند جيڏو هو ۽ ٻنهي جي هڪ ٻئي ۾ ڏاڍي پريت هئي. ڪاليداس ڏاڍو پڙهيل ۽ حوصلي وارو نينگر هو تنهنڪري سندس ڏنوئت مامي نه رڳو سڄي ڪارخاني جو ڪم ڪيس سونپي ڇڏيو هو پر هنکي پنهنجو خاص نائب به مقرر ڪري ڇڏيو هوا.

مطلب ته هي ڪٽنب ڏاڍو آسودو هو ۽ سندس سک ساننت ۾ ڪنهن به وجهه جهڙي ڪانه ڳالهه ڪانه هئي. پر ارمان آهي ته سک ڪنهين سان سدا نيهه ڪونهي ۽ نه خواب نه خيال اوچتوئي اوچتو اهڙيون ڪي ڳالهيون نڪري پونديون آهن جن جي ڪري قيمارو پوندو رهندو آهي ۽ سک ساننت ۾ ڏينهان ڏينهن ويندو آهي رخنو پوندو.

٢

اهو ڏينهن ڏاڍو ڪو نياڳو هو جنهن ڏينهن ڪرشن پرساد جي ورتل اوستا پروهت جو چالاڻو ٿيو. هنکي سنتان ڪانه هئي، نڪو ڪو وڃهو يا پراهون مٽ مائٽ هوس جو سندس جاءِ پري. هن جي جاءِ تي

ٻيو ٻروهت رکيو هو. اُنهن ڏينهن ۾ اخبارن ۾ اشتهار يا نوٽيس ڇپائڻ جو رواج اڃا ڪونه ٻيو هو. ننهنڪري ڪرشن پرساد گهڻن پاسن ڏي پنهنجا ماڻهو موڪليا ته ڪو سشيل پڙهيل ۽ سياڻو برهمڻ ڳولي لهن جو پنهنجو گهر ٻار ڇڏي مٽن مائٽن سان ٻگسو نوڙي لڏي اچي ڪرشن پرساد چوڌريءَ جي جاءِ ۾ رهي. انهن ڏينهن ۾ شيخ وسنت ۽ داڻو ڪٽو اهڙو مهانگو ڪين هو جهڙو هاڻي آهي انهيءَ ڪري ڪا نوڪريءَ جي جاءِ خالي ٿيندي هئي پوءِ گهڻي ۾ چڱي هوندي هئي ته انجي پرڻ لاءِ ڪنهن نه ماڻهو جي ڳولڻ ۾ گهڻي هلاڪي ڪرڻي پوندي هئي. گهڻن ڏکن ڏاکڙن کان پوءِ نوديپ (نديا) ۾ هڪڙو برهمڻ لڌو جو سيني شاسترن ۾ نپڻ هو، هنجي شيوا پوڄا ۽ ڌرم ساڌن جي چوڌاري هاڪ هئي. دم دلاسي سان هو برهمڻ مدن پور ۾ چوڌريءَ جي ڪٽنب جو پروهت ٿي سداءِ وٽس رهڻ تي ريڌو. انهي برهمڻ جو نالو سدانند جوشي هو. هنجي استري ٿورا ڏينهن ٿيا هئا ته مري ويئي هئي، ۽ هن جهان ۾ هڪڙي جوڻن وان ڌي ٻيا ٻيو ڪو هنجو مٽ مائٽ ڪونه هو. هنجي ڌي جنهنجو نالو بسنت ڪماري هو سا سورهن سورهيا ۾ اهڙي ٿي پهڪي جو راجا اندر جون اپسرائون ڏسن ها ته لڄي ٿين ها. سچ پچ هوءَ سوڀهن جي ديوي هئي ۽ سدانند جوشي جو سداءِ لڳو

پيو هوندو ته هو پنهنجي اڀياس ۾ تنهنڪري هوءَ اڃا تاءِ
ڪنواري ويٺي هئي. جنهن وقت هوءَ پنهنجي پتا سان
مدن پور آئي هئي تنهن وقت هنجي چار ۱۴ ورهين
جي هئي ۽ هنجي سوڀيا جي مڪري ٽڙندي سمدر ڦول
وانگيان ٿيندي ٿي ويئي.

سدانند کي مدن پور ۾ آئي ٿوائي ڏينهن ٿيا ها
ته هو ننڍن وڏن سيٺين سان ولي ملي ويو ۽ سيٺين
کي وٽي ويو. پڻ پاسي وري بسنت ڪماري
ڪرشن پرساد جي گهر جي سيٺين استرين سان نهي ويئي
جنهنڪري هنن سيٺين کي ايٺي وٽندي هئي.
ڪيترا ڏينهن انهن سڀ ڪم ڪار ڏاڍو مزي سان پئي
هليو. نيٺ هڪ گهر جي خوشيءَ جي آسمان جي وٽ
جي پرسان هڪڙو ننڍڙو ڪڪر ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو ۽
اهو ڪڪر ويو آهستو آهستو مدن پور جي ساري صفا
آسمان لي پکڙبو. اهو ڳاڙهو ڪڪر هو تنهنڪري ان
سان ئي حد خرابي ۽ بربادي وٺي آيو هو. اهو ڪڪر
ڪهڙو هو تنهنجو ورنانڪ اڳتي ٿيندو.

## -۳-

رامچند جو جوين قولندڙ هو. بسنت ڪماريءَ جي
جيءَ جلائيندڙ سونهن ۽ متوالي جوين جو پرڀاءُ هن تي
پوڻ بنا رهڻ جو ڪين هو. ڏيري ڏيري هنجي
محبت هنجي دلبرائين جاءِ ڪري ويئي جو ڪلٿي ڪاڻ پئي. هو

هن سان پرڻجڻ جا اڻ سڻا پڙڏڻ لڳو. ارمان آهي جو هو پنهنجي ٻي سمجهيءَ ڪري هن ڳالهه کان ويسلو رهيو هو ته پٽس سندس شاديءَ جو ٻيو ٽيڪر ڪيو آهي. هڪڙي وڏي ونهين وسندي ڳهرائي ۾ جنهنجي زميندار سندن زمينداريءَ سان لڳو لڳ هئي اُني سندس شاديءَ جو ٻلو پٽس ڪري ڇڏيو هو. رامچند پنهنجي دل ۾ ائين سمجهي ويٺو هو ته منهنجي جا اڄا آهي تنهن منهنجي پٽنا ٻا ٻئي ڪڏهن مٽ مائٽ جي ڪا روڪ رنڊڪ ڪا نه هوندي؛ تنهنڪري هو نه پريم جي شربت جا ٻڪ مزي سان پيئندو رهندو هو. بسنت ڪماري جا ڪي اهڙا لڇڻ هنجي ڏسڻ ۾ آيا جن مان هن سمجهو ته هوءَ پوري سرل سڀاءَ واري نيڪر آهي. هنجو رد و نشڪپٽ ۽ پوتر آهي، انهيڪري هيڪاري هن لي وڏيڪ موهت ٿيندو ويو. هوءَ ڪيس ڏسندي هئي ته لڄ ٿيندي هيس؛ ۽ هنڪي توڙي سندس اکيان اچڻ جا گهڻا وجهه ملندا ها ته به هوءَ اکيون کڻي ڏانهس نهاريندي ڪين هئي. رڳو جڏهين ڏسندي هئي ته پيو ڪو ڏسيس ڪونه تڏهين لڪ چپ ۾ ڏانهنس اکيون کڻندي هئي. جيڪڏهين ڪنهن مهل سندس آب ڪتورا اکيون رامچند جي اکين سان ملي ويندڀون هيون ته هوءَ جهٽ هيٺ ڪنڌ ڪڻي ڪندي هئي ۽ هنجي گلابي ڳلن تي سرخي ڇانئجي ويندي هئي.

ڄڻ ڪو ڪا شيءِ هٿ ۾ ڏيندو هوس ته هٿ ڏڪڻ لڳندا هئس. انهيءَ ريت ڪيترا مهينا گذري ويا. جيتوڻيڪ نينهن جي آڳٺي اندرئي اندر جهرو پئي جلايس ته به رامچند کي ايتري همت نٿي ٿي جو ٻاهر ڪنهن سان ان ڳالهه جي ٻاڦ ڪڍي ڪيدي. نينهن جي آڳ هن جي جگر ۾ اهڙي ٻرڪي لڳي جو ڄڻ هن جي دٻائڻ جي ڀيو ڪري تئن وڌي وڌيڪ وڇڙندي. نيٺ وڃي لهي پنهنجو سارو حال پنهنجي پياري پريتم ءُ ساٿي ڪاليداس سان وڃي اوريائين. اها ڪا اهڙي اندوري گهڙي هئي جنهن ۾ هو اهو دور ڪپٽي جو ڪم ڪري ويٺو. ٻاڪاڻ جو ڳالهه ڪندي هن ائين ڏٺو ته ڪاليداس پنهنجا چپ ڏندن سان پيو ڪٽيڙي ءِ ڪنهن ڪنهن مهل هن جي منهن جو ڏاڍو ڀيانڪ روپ ٿيو وڃي. انهيءَ جو ڪارڻ ڪهڙو هو تنهن جي ڪل ڪاليداس بنا ٻئي ڪنهن کي ڪانه هئي.

رامچند پنهنجن خيالن ۾ اهڙو ٿب هو جو ٻيا ته هن انهن ڳالهين ڏي ڌيان ئي ڪونه ڪيو يا هن جي درشٽي پنهنجي دوست جي منهن تي پئي ته منهن جي ڦرڪڻي ڦرڻ کي هڪڙي رواجي ڳالهه ڄاڻي هن انهي ڳالهه جي ڪا پرواه ڪانه ڪئي.

انهيءَ ڏينهن سانجهيءَ جو ڪرشن پرساد کي سڄي ڳالهه جي سڌ پئجي ويئي. ڪاليداس کي پنهنجي

Gul Hayat Institute

ساڻ پرڻبس نه ته ڪنواري ٿي مرندس. نيٺ جڏهين ڪرشن پرساد جي سمجهاڻين پرماڻ ۽ ڌمڪين مان ڪي ڪين وريو تڏهين هن سڄي ڳوٺ ۾ اهو هل ڪڍي اٿاريو ته آءٌ پاڻ بسنت ڪماريءَ ساڻ ٿو شادي ڪريان. پالياءِ انهي ڪري رامچند جون آسون اميدون سڀ ٻڏي ويديون. اهو ٻڌي رامچند کان پاڻ جهليو نه ويو ۽ هنجي ڪاوڙ سندس وس کان ٻاهر نڪري ويئي. هو ڪامندو سڙندو ۽ ڏڪندو ٻڙ ٻڙ ڪندو پنهنجي پيءُ وٽان هليو ويو. ٻڙ ٻڙ ڪندي سندس واتون جيڪي پڙ نڪتا ها سي ڪوئي ماڻهو جيءُ ريس سمجهي ڪونه سگهيو. ٻئي پاسي وري پرتي مڙس زميدار کي اهڙي ڪاوڙ اچي چڙهي جو الي ويني ويني انهي وير پنهنجي پرڄهڻ لاءِ پيو ڏينهن ڪڍي نهراياءِ. انهي ۾ شڪ ڪونهي ته جي رامچند سدا نند جوشيءَ جو ناٺي ٿئي ها ته هو ڏاڍو پرسن ٿئي ها، پر جڏهين اها ڳالهه نه ٿيڻي هئي تڏهين هن لوڀيءَ پنڊت ڪرشن پرساد ساڻ ماٺي ڳنڍڻ ڪيئي پنهنجي ڪاڻ وڏو مان سمجهيو ۽ جاڪاڻ جو ساري ضلع ۾ هنجهڙو پاڳيو ۽ پڇندي وارو بيو زميدار ڪونه هو. لهمڪري هن چالو ته منهنجي پياڻي وڃي هن گهر ۾ سکي سهنجي ٿيندي. مطلب ته انهيءَ ڳالهه جي پوري ريت صفائي ٿي ويئي ته ٻئي ڏينهن سانجهيءَ ويلي ڏيٺس پرڻجي ويندي.

## ٣

ٻئي ڏينهن سوير ئي مدن پور ۽ آس پاس وارن ڳوٺن ۾ اها خبر پکڙجي ويئي ته راءِ ڪرشن پرساد چوڌري مارجي ويو آهي. جنهن هي ڳالهه ٻڌي تي ٿنهن کي ويسهه ئي نٿي آيو ۽ خون ڪستوري ڪٿي لڪي. اها ڳالهه چوڌاري هلي ويئي ته هن جو مڙهه نرم جهڙي اڇي بستري تي رت سان ڀريو پيو آهي ۽ سندس ڳلو هڪ ڪن ڪان ٻئي ڪن لائين ڪپيو پيو آهي. هي ڀيانڪ حادثو جنهن ٻڌو تنهنجا لڱ ڪانڊارجي ويا.

مڙهه اڳي ڏسي ڪرت رامچند جي لاءِ ڦولا ۾ پيا ۽ هنجو ڪٿي ۾ پتو ڪونه پيو. اٿين ٻئي پاسيو ته هو بلڪي درڪان نڪري هليو ويو آهي ۽ چاڪاڻ ته اهي ۽ پاسي ڀري وارو ڀيتل ڪونه هو. تنهنڪري هنکي ڪنهن ويندو ڪونه ڏٺو. جڏهين هنجي ڪوٺيءَ جي جاچ ڪيائون تڏهين فرش تي رت جا ڇنا ڏسڻ ۾ آيا ۽ هند هيٺان هڪ ڏکي ڌار واري پاڪي پيل لڌي جنهن تي رت جا ڦڙا ڄميا پيا ها.

هن حادثي جي سڌ ترت پوليس کي ڏني ويئي. توري ويرم ڪان پوءِ ٿاڻيدار ۽ ڪيترا سپاهي اچي سهڙيا. ڇيت جاچ جوچ ڪري اها ڳالهه ٺهرائي ويئي ته پٺا ڪهاڻ جو ڏوهه ٿيو آهي ۽ ڏوهي رامچند ٿا ٻيو ڪو ڪونهي.

٥-

ڪرشن پرساد جي ٽارڻ ۽ رامچند جي پڇڻ وڃڻ کان پوءِ ساري ڪارخاني جو ڪم ڪاليداس پنهنجي هٿ ۾ رکيو ۽ چاڪاڻ جو ڪنهن چوڌري جا ٻيا ٻه پٽ انها اهڙا ڦوندڙ ۽ هوشيار نه هوا جو اهڙي ڪم ڪار کي مٿو ڏيئي سگهن.

ڳوٺ ۾ سڀڪنهن ماڻهوءَ جو اهو خيال هو ته رامچند جو پنهنجي پيءُ جي لوهوءَ مان هٿ رڱيا آهن سو هن ڪري ته بسنت ڪماري جنهن سان سندس نينهن لڳل هو تنهن سان هن پرڻجڻ جو ٺهراءُ ڪيو هو ۽ انهي ڏوهه ڪرڻ پڄاڻا هو پيڇي ويو آهي ته ڪيس جا سزا ضرور ملڻي آهي تنهن کان ڀڄي ويو. پوليس عملدار به نيٺ انهي ڳالهه تي اچي پهتا ۽ چاڪاڻ جو رامچند جي سمهڻ واري ڪوٺيءَ مان رت لڳل پاڪي جا لڏي هوائون سا وڏي ثابتي هئي. انهيءَ کان وڌيڪ جهڙي ڀڄڪي ثابتي انهي ڳالهه جي ته خوني پڇي ويل رامچند آهي بي وري ڪهڙي ملي سگهي ها.

ڪاليداس وڌاري پنهنجي ٻارن جي ٻيائي ۽ پرورش ڪرڻ ۾ گهٽتائي ڪانه ڪئي ۽ هنجي پڄڻ جا ٻه گهڻائي سبب دليل ڏنائين پر جنتي سنڀو جهان هڪ هاسي تي ٻيهڻدو آئي هڪڙي ماڻهوءَ جو ڪهڙو وس هلي سگهندو. هن پنهنجون گهڻيون ٽڪلون هلايون

۽ ڳهڻيون رتون ڪٿون ٻڌايون پر رامچند جي ٻسي ڏوهي هجڻ جي ڪنهين ڪي ٻڌڪ نه ٿي. ٻياڳو رامچند! تورا ڏيهن ٿيا ته ڳوٺ جو هر هڪ ٻار ٻيو جنهنجو مٿر هو تنهنکي اڄ سيڪو ڏوهي سمجهي وينو هو. سڄي ڳوٺ ۾ رڳو هڪڙو ماڻهو هو. جنهنکي پڪ هئي ته رامچند نردوش آهي ۽ اهو ماڻهو ڪاليداس هو. رامچند جو اڳو ڪهڙو نه سندر هو، پر سندس پيچو وري ڪهڙو ڪاروڻي پيو! اهڙو ڪارو جو ڪنهنکي سندس موڻي جيڏري ڳوٺ ۾ پير پائڻ جو آسرو ڪونه هو. سيني ائين ٿي ٻانيون ته سندس ٻاقي چمار رهندي پيندي بيڪارين وانگيان ٻمر ٿندي، سيڪو هن ڪان پري ڀڄندو، ڪوبه ويجهو اچڻ ڪونه ڏيندس ۽ سڪ سڀئي ۾ ڪونه پسندو.

اٿي وري ٻيو قرار ٿو اٿي. ڇا هو ٻمهنجي دل ۾ هن چند جهڙي مهن واري عورت کي نه پيو ڏسندو هوندو جا لڪ چپ ۾ اکيون کڻي هن ڏي پيئي نهاريندي هئي ۽ جنهن هن جي اندر جو ٻيد پيئي جاچيندي هئي؟ جيتوڻيڪ هو مدن پور کان پري هو پر ترسندبه واسب ڏيهن هڪڙو خيال رامچند جي دل تي ٻڪو جميل هوندو ۽ ٻيو ويچار هن جي اندر ۾ گهڙي نه سگهندو هوندو. اهو ٻڪو خيال هوس ٻروهت جي اپسرا جهڙي ڪنيا بسنت ڪماري جو جنهن سان ڪرشن ٻوساڻ شادي ٿي ڪئي.

اسنت ڪماري رامچند جو چمڪندڙ تارو هئي جنهن جي سوجهري ۾ هن پنهنجي جيوت گذارڻ جي چاهنا ڪئي هئي پر هاڻي تہ هو هن جڳ ۾ بڻي پيري هنجي شڪل ۾ نظر ڏسي سگهيو ٿي تہ وري هنجو پنهنجي وطن ڏي موٽڻ تہ تيڻ جهڙي ڳالهہ هئي.

مدن پور ۾ ڏيري ڏيري ڪم ڏاڍا وري اصلي ڊول تي اچي بيٺا ۽ ماڻهن ڪان پوء ڪرشن پرساد جي ڪسڻ ۽ سندس وڏي پٽ جي هن اڻڌڙ تاري ڪسي پوجيندي پڇي وڃڻ جي ڳالهہ دل تان مٽي ويئي. اسين مٿي چئي چڪا آهيون، تہ زميداري ۽ گهرو ڪمن جو جوڙجڪ ڪاليداس کي سونپيل هو. پر هي ڳالهہ ياد رکڻي آهي تہ ڪاليداس اهو ڪم لوڀ ۽ ڪنهنجي چوڻ چاڻڻ بنا پنهنجي همت تہ رکيو هو. سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ جڏهين پوليس عملدار ۽ ڪاليداس جا ڪاروباري رامچند جو (جو ملڪيت جو سچو وارث هو) ڪو پتو نيشان لهي نہ سگهيا ۽ هن جا نديا پانڊ بال اوستا جي ڪري ڪم سنڀالڻ جوڳا نہ هوا تڏهين ڪاليداس مڙن مالڪن جي ۽ ڪاروبارين جي چوڻ چاڻڻ ڪري ڪم پنهنجي همت ڪيو هو. هتي هي ڳالهہ دل تي رکڻ جهڙي آهي تہ سيڪنهن ماڻهوءَ کي ڪاليداس جي سچائي ۽ سچت تي پورو پروسو هو ۽ سيڪنهن انين تي چاتو تہ هي پلو مانس جيڪي ڪريٿو سو سوارٿ بنا

تو ڪري ۽ هنجو آدرش اوچو آهي؛ ۽ سيڪو انهن پائيندو هو تہ هي هن ڪٽنب جو گهرڻ ڏهرو ۽ انجي مال دولت جو سنڀاليندڙ آهي. ماڻهن ۾ هنجي بابت اهڙا چڱا خيال ويهي ويا ها جو چاڻندا ها تہ هن ۾ اهڙا سندر گڻ ۽ خوبيون آهن جنجي ڪري پيشمر پتا مہ وانگر واکاڻڻ جوڳو آهي. سدانند جوشي اڄا تائين مدن پور ۾ هو ۽ سندس سوپياوان ۽ چندرما جهڙي مک واري ڪنيا بسنت ڪماري بہ وٽس رهندي هئي. ڪرشن پرساد مري ويو هو ۽ رامچند جنهن جي سندس ناني تيرٿ جي اڃا هئي سو الوپ ٿي ويو هو؛ پر ڪاليداس پنهنجي چترائي عسان هنکي رپجهائي رپجهائي مدن پور ۾ رهائي چڏيو هو. هو سندس ڏاڍو مان رکندو هو ۽ هو پيوءِ ۽ ودا جي گڻ ۽ ڪٽنب جي سنبند ڪري انهيءَ مان جـو جوڳہ بہ هو، مطلب تہ سدانند جوشي انهيءَ ساڳئي گهر ۾ هو ۽ سندس آب مان اهڙوئي هليو ٿي آيـو جهڙو ڪرشن پرساد جي جيئري هوس.

٦-

مدن پور جي چوڌريءَ جي ڪٽنب ٿي لياڳہ جو ڪڪر اچي ڇانيو تنهنکي هڪڙو ورهيہ ٿيو هو. ڪاليداس هاڻي انهي ڪٽنب جو مکيہ ۽ رامچند جي ٺڪين پائون جو سنڀاليندڙ هو. بسنت ڪماري اڃا سوڌو ڪنواري ويٺي هئي، توڙي هنجو پتا راس ڏينهن هنجي لاءِ

Gul Hayat Institute

چڱي ور ڳولڻ ۾ لڳو پيو هو. هن گهڻائي جوان مڙس ڏٺا پر گهوٽ پسند ڪونه لڌس. نيٺ هڪڙي ڏينهن ڪاليداس پنهنجي سو ٽس آيو ۽ بسنت ڪماري سان پرڻجڻ جي ڳالهه ساڻس ڇيڙيائين. هو جيتوڻيڪ اهڙو ڏتونت ڪين هو، پر پنهنجي مامي جي زمينداري ۽ ملڪيت سنڀاليندڙ هجڻ ڪري ماڻهن ۾ گهڻو مان ۽ ڀڃندي هيس، ۽ ائين به هو ته انهي ڪم مان هو گهڻو ڌن لاڀ ڪري سگهي ها جنهن اڳي ڪيترا ماڻهو ائين ڪمائي ويٺا ويا ها.

سدانند جوشي ڏاڍو پرسن ٿيو. هن پنهنجي نياڻي کي انهي رت جي سڌ ڏني ۽ چيائينس ته تون ڏاڍي ڀاڳ واري آهين جو ڪاليداس جهڙو سهڻو ۽ ناهوڪو جوان جو چڱو هوند وارو آهي سو توسان پرڻجڻ جي تو اڇا ڪري. هن ڀانيو هو ته هي ڳالهه ٻڌي بسنت ڪماري ڏاڍي خوش ٿيندي، پر هن ڏاڍي همت پر ڪوملتا سان هن ڪاليداس سان پرڻجڻ جي انڪار ڪئي. تڏهين هن پرڻي مڙس کي جو تپرس لڳو تنهنجو انومان توهين ڀاڻ ڪري سگهندؤ. پڻس گهڻائي پرماڻ ڏنا، حيلا حوالا ڪيا ۽ سمجهائين سان گهڻئي ڪين پر کي ڪين وريو، چتون پڇائينس دڙڪا داب ڏنائينس پر ڪو ڪين. هن هر هر ائين ئي چيو ته آءٌ شادي ڪين ڪنديس، آءٌ ڪين پرڻبيس ۽ مون جو اهو پرڻ

Gul Hayat Institute

ڪيو آهي تنهنجو وار جيترو ڦير ڦوڻ وارو نه آهي، ۽ ڪاليداس سان نه پرڻجڻ جو هن هي به ڪارڻ ڏيکاريو ته جڏهن هڪ ڀيرو ڪرشن پرساد سان منهنجي پرڻجڻ جي رسم ٿي چڪي آهي تڏهن هندو ڌرم شاستر سنڌس پاڻيجي سان پرڻجڻ جي موڪل نٿو ڏئي. اهو سچ پچ هڪڙو اهڙو بندڻ هو جنهنجو ودوان جوشي پاڻ به اتر ڏيئي نه سگهيو ۽ انهي ڪري هو ڏاڍو اداس ٿيو. هن ڏنو ته اهڙي راجائي گهراڻي ۾ منهنجي ڌي نٿي پرڻجي نه ته اتي راج ڪري ها سيڪو سنڌس مجنا ۾ رهي ها ۽ سک ۽ سمپتي جي ٿيلي لي ويني رهي ها. ڪاليداس وڃي ونئي پاڻ بسنت ڪماريءَ کي پنهنجو حال ٻڌايو ۽ گهرجي ٻين استرين کان چوايو پر هنجو اديم سڀ نسقل ٿيو. نيمگر ڪنهنجو چيو نه مڃيو ۽ نه ڪنهن دم دلاسي تي ريڌي. انهي ريت ڪيترا مهنا لنگهي ويا. هن ڪتب ۾ سکر سانت ورتي رهيو هو ۽ اهڙي ڪا وروڌ يا وڪاد جهڙي ڳالهه ٻڌري ڪانه ٿي پر نيت هڪڙي ڏينهن اهڙو اچرج جهڙو ڪم ٿي ويو جنهنجي ڪري سڄو گهر ترٿلي ۾ اچي ويو. ٻئي ڏينهن سويرو سڌ پيئي ۽ بسنت ڪماري پنهنجي ڪوٺيءَ مان گم ٿي ويئي آهي ۽ ڳنيان ڪو اهڙو اهڃاڻ نه ڇڏيو هئائين جنهنڪري سنڌس ڪو ڏس پتو ملي سگهي.

هن کان ٢٠ مهنا اڳي رامچند جي گم ٿيڻ ڪري

پنھنجي ٽولا ڪو زور سان وٺي ويو اتس تا ته ھو، انھيءَ ڪري ھن ديس مان پڇي وٺي آھي جو اھي رھڻ ڪري سندس شاديءَ جو بکيڙو پڻ ٿي ھليو. ۽ ھنجي ڪم ٿيڻ جو ڪو به سبب ھو ته اھو ھڪڙو ڳجھو ھو جو ڪلي نه سگھيو ۽ ڪنھين منڪر ٿي ھنجي ڪل پئي نه سگھي.

بسنت ڪماري ھُن گھر ڇڏي الوپ ٿي ويئي، لنھنڪي ٻه پنج ورھيه نبري ويا. انھيءَ وچ ۾ ڪي اھڙا ڪم ٿي گذريا جن جو بيان ڪرڻ ضروري ٿو ڏسجي. ڪاليداس جي شادي رامچند جي ڌيءُ سان ٿي ويئي ھئي، ۽ انھيءَ ڪري ھنڪي جھجھو ڌن به ھٿ آيو ھو، ۽ ٻچڙي وارو به ٿيو ھو. رامچند جي ٻنھين پائرن مان ھڪ ته مري ويو ھو ۽ باقي جيڪي ٻه پائر ھئس سي لمام نا چڱا ۽ نبل ٿي رھيا ھا ۽ اھڙو ڪو روڳ ھنڪي لڳو ھو جنھن گھڻي وانگيان اندر ئي اندر پئي ڪاڙين ۽ سعدن مھانڊي ڏسڻ کان اھين پئي پڌرو ٿيو ٿي ھو ته ڪڏھين چڱا ڀلا ٿي ڪنولي سان اُٿي ڪين سگھندا. ڪاليداس جو اھڙو ڏھڪاءُ مٿن وينل ھو جو چوڻ کان ٻاھر آھي، ۽ اڄ تائين پنھنجي مامي جي وڏي ملڪيت جو سنڀاليندڙ رڳو ٻاڻھي ھو.

ڪاليداس جي استري ڪملا انھيءَ وچ ۾ ھڪڙو ٻار ڄڻيو ھو جو ھن مھل اڃا ٽن ورھين جو ٿيو ھو. انھيءَ

ٻار جي، جنهنجو نالو هو هيرالعل، اچرج جهڙي ۽ پوائتي
شڪل هئي. هنجي ٻاراڻي منهن تي هڪڙو وڏي عمر
واري ماڻهوءَ جو مٿو لڳل هو جنهن جا ڪي ڪي هنڌ
گهنجيل پيئي ڏنا. نه رڳو هنجو مٿو منهن جي ڪري تمام
وڏو ۽ گندو هو، پر وڏي جا عجيب جهڙي ڳالهه هئي سا
هي ۽ هئي جو هنجو مٿو ٺاهه ۽ بناوٽ ۾ ڪرشن پرساد جي
مٿي جهڙو هو. جڏهين هو ٻار سمهيو پيو رهندو هو
تڏهين سندس منهن کي جيڪو چتائي ڏسندو هو
تنهنکي اها اچرج جهڙي هڪجهڙائي ڏسي تپرس ٿي
ويندو هو.

پر اها ڳالهه الي نه پوري ڪين ٿي ٿئي. هيرالعل
ڪڏهين ڪڏهين اهڙو بي آرام ٿيندو هو، ۽ اهڙا ڇهه
ٻدرا ڪرڻ لڳندو هو جو نه رڳو نوڪر چاڪر پر هنجي
ماءُ ڪملا به انکي ڏسي ڏجي ويندي هئي. اهڙي
حالت ڏسي ٻار کي پيار ڏيئي آروالو ڪري هنج ۾
وهارڻ يا ڇاتي سان لائڻ ۾ پڻ بيو ٿيندو هوس. هن
ٻار سان وري پڻس ڪاليداس جو نه اچرج جهڙو رستو
هو. ڪنهن مهل ته ساڻس اهڙو پيار ڪندو هو جو
جيڪو ڏسندو هو سو پائيندو هو ته هن لي ڇرو آهي
آهي ۽ ڪٿس ساهه تو صدقي ڪري، ۽ ڪنهن مهل
نه وري انين ڏسبو هو ته هن کان وٺي تو وڃي، ۽ هن
کان اهڙي ٻچان ٿي ٿئيس جو ڪهڙو. نه ڪنهن پڻ

جيڪر پت ڪان نہ ڪري. انهيءَ مان اهو انومان ٿو ڪري تہ هن جي جيوَن ڏکي ٿي گذري. انهن ڏکن کان سواءِ ڪيس هڪڙي ڀيانڪ روڳ اچي ورتو جنهنکي ڊاڪٽر ۽ ويد ڏسي چوندا ها تہ علاج کان ٻاهر آهي. اهو روڳ اهو هو جو سندس ساڄو هٿ سڪي ويو هو. پوڙهو پروهت سدانند جوشي جيتوڻيڪ پيريءَ ۽ هيڻائيءَ ڪري ڪبڙو ٿي ويو هو تہ بہ اڃا پٽي جيو. مدن پور جي چوڌريءَ جي شاندار حويليءَ ۾ جاءِ ڪيس رهڻ لاءِ مليل هئي تنهنمان هاڻي ٻاهر اچڻ جي سگهہ ڪانہ هيس.

سندس پياري ڌيءَ بسنت ڪماري جنهن سان سندس تمام گهڻو پيار هو اهڙي ريت گم ٿي ويئي تنهن ڪري هنکي اهڙي چوٽ لڳي جو سندس ڇيلهہ ڀڄي پيئي ۽ انهيءَ ڏک ۾ هو ڳري جهري ڏاڍو هيٺو نٻل ٿي پيو ۽ اهڙو ٻالڪ جي پيو جڻڪ منجهس سمجهہ ۽ هوش هوئي ڪونہ. هو ڪنهن ڳالهہ تان اچي لپندو هو نہ پاڻ سنڀالي نہ سگهندو هو؛ نہ نہ وري ڏينهن جا ڏينهن ٻنؤ بہ نہ ٻوليندو هو ۽ مؤنئي مؤن ۾ رهندو هو؛ ڪو سڏ ڪندو هوس تہ بہ ورندي ڪانہ ڏيندو هو.

انهن ڏينهن ۾ اوچتو ئي اوچتو الي ڪو جوڳي اچي نڪتو. ڳوٺ نہ ڇڏيو پر آس پاس چوڌاري سيئي ماڻهن کي وائي انهي جوڳيءَ جي واس هئي. هو ڏاڍو

Gul Hayat Institute

ڏرمشت ۽ تياڳي پرش هو ۽ ڪنهن ساڌن ۾ تپ ڪري جيتوڻيڪ هن گهڻا ڪشٽ ۽ ڇاڪوڙا سٺا هئا تہ بہ هنجي ڏاڙهي ڪاري ۽ ڪنهن ڪجهہ ڏکهي هٿي ۽ هٿي لي ڏکهيون جتائون ڏيس. سمدس قد ڪڇي ۽ جي وانگيان سنهون ۽ ڏکهو هو، بت جو رنگ جو ڪنهن سمي شايد گورو هو سو اس ۾ برسات ۾ وٺهي لپ ڪرڻ ڪري ڪٽڪ رنگو تي پيو هو، ٻہ اکيون ڏاڍيون تکيون ۽ چمڪندڙ هيون ۽ منجهس اهڙو ڪو جادو هو جو ٻوڙهو توڙي جوان، وڏو ماڻهو توڙي ڪنگال ٻالڪو توڙي ڏڪويل جيڪو بہ ڏانهس نهاريندو هو سو هن جوڳيءَ جو پڪو پريتم ٿي پوندو هو.

مدن پور جي ڳوٺ کان ڏيڍ ميل کن ٻن ميلن پنڌ تي هڪڙي ٽڪري هئي، انهي ٽڪري جي هڪڙي غفا ۾ هن جوڳيءَ اچي پنهنجو آسڻ ڪيو هو.

Gul Hayat Institute

اها غفا هڪڙو اپرچ جهڙو غار هئي، جنهن جي بابت ماڻهو پاڻ ۾ پاڻ جون پيون جهڙيون ڳالهيون ڪندا هئا ۽ اهو ئي ڪارڻ هو جنهن ڪري پيڙهين کان ڪو هن غار ۾ نہ گهڙندو هو. ماڻهن ۾ ائين پڌرو هو تہ گهڻو اڳاڙو منجهس هڪڙو ساڌو رهندو هو جنهن وٽ پارس پٿر هو ۽ هڪڙي لوڀي دنيادار ماڻهوءَ انهي پٿر هٿ آڻڻ جي لالچ ڪري انهي ساڌوءَ کي ماري ڇڏيو. اهو غار ايڏو وڏو هو جو منجهس گهڻا ماڻهو رهي

جبرو بهت ڪرڻ وارو هو. جيڪڏهين ڪو هنجي وديا جي پريکشيا وٺڻ لاءِ وٽس ويندو هو ته هو هڪ پلڪ ۾ ڦڪو ٿي موٽي ايندو هو.

هن جا مٽا ڏاڍا پڪا ۽ پرماڻ نيڪ ۽ ڏاڍا جبرا ها. هنجو ڪاٻ اهڙي ڳالهه ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي آئي جنهن مان پرسڌ ٿئي ته هو بناولي لکيا ڪوڙوڪي باز ساڌو آهي. سگهوئي ڀهراڙيءَ ۾ چوڦير سنڌس ناماچار پکڙجي ويو ۽ لوڪن ۾ اهو هل هو ته هن کي نه رڳو ڄهڙن روڳن جي ڇناڻ جي سامرٿي آهي، ۽ هو اهڙا اچرج ڄهڙا کيل ٿو ڏيکاري جن کان ماڻهوءَ جو عقل چرخ کائي ٿو وڃي. ڪڏهين ڪڏهين ماڻهن کي هڪ اچنبو ڏسي حيرت وٺندي هئي ته هڪڙي جوڳڻ به هن وٽ وڃي ٿي رهي. اها جوڳڻ هن کان به وڌيڪ ڦوهه ۾ هئي ۽ بت جو گهاٽ ڏاڍو ناهوڪو هوس ۽ سونهن ۾ ڄهڙس ڪو نه هو. انهن پٺي پاسيو ته هي راڻا راڻ ۾ اها اپرا آهي جنهنکي درٻار مان نيڪالي ملي هئي ۽ هاڻي هوءَ پنهنجي ردي جي رکن پريتم جي ڳولا ۾ جوڳڻ ٿي گهمندي ٿي وتي. هنجي هلت چلت ۾ اچرج ڄهڙي سوڀيا هئي ۽ پر هوءَ ڏاڍي ڏيرج واري ٿي ڏٺي ۽ سنڌس منهن مان انهن ٿي ڏٺو ته هوءَ سداءِ سوچ ويچار جي هيراڪ آهي.

هوءَ رڳو ڪنهن ڪنهن مهل جوڳيءَ وٽ وينل ڏسبي هئي ۽ ڪنهن کي سڌ نه هئي ته هوءَ ڪٿان آئي آهي ۽

پنهنجي پتيءَ کان انهيءَ لاءِ موڪل گهري ۽ ڪاليداس ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيندو هو. هن ويچاريءَ کي ڪهڙي سڌ ته هو ائين ڇو ٿو ڪري. ڪاليداس هنئن هن سان گهڻو پيار ڪندو هو ۽ ڪيس گهڻو گهرندو هو ۽ ڏسڻ ۾ پئي آيو ته سندس دل ۾ اهڙي ڪا ڳجهي ڳالهه آهي جنهنجي ويچاريءَ ڪملا کي پتيءَ سڌ ڪانهي. انهيءَ ريت ڪملا جيتوڻيڪ سيڪنهن وقت پنهنجي پتيءَ جي خيال ۾ لڳي رهندي هئي ۽ جيتوڻيڪ هن جي دل هڪڙي آرسي هئي جنهن ۾ ڪاليداس جيڪا ڳالهه چاهي ڏسي سگهي ها ته به سندس پتار جي حالت بي هئي. هنجا خيال سداءِ ڪملا جي پاسي لڳل نه رهندا ها ۽ انهن ٻنهي ۾ رڳو اينترو ڦير هو.

٩

اهڙي ريت ڪئين مهنا نبري ويا. هڪ مند پنيان ٻي مند ايندي رهي. پر سرشٽي جو اهڙو جبرو نيم آهي جو اهو جوڙجڪ توڙي آد کان هليو ٿو اچي ته به مند مٽجي نٿي. آرهڙ پنيان سرو، سرو پنيان سيارو هليو اچي. مند تي وڻن جا پن ڪرڻ لڳا ۽ ٽڏ پوڻ لڳي. ٽڪرين لي اهڙو ڪوهيڙو پوڻ لڳو جو ڪي به ڏسي نه سگهجي. ماڻهن جوڳيءَ ڪسي ويران وير وينتي پئي ڪئي ته جي سداءِ نه ته به ٿورن ڏينهن کاڻ اها سرد غار ڇڏي آس پاس ڪنهن جاءِ ۾ هلي رهوءِ الي هتي

Gul Hayat Institute

کان سردي جائي گهٽ هوندي، پر جوڳي ڏيرج ۽ ٿڌ سان انڪار ڪندو رهيو. هن ماڻهن کي هن ريت چٽي پٽي ٻڌايو ته ساڻو ۽ ڪي گرمي ۽ سردي سڀ سمان آهي، اسين جڏهين سنسار جو سڀ سک ليلاڳ ڪري ويٺا آهيون تڏهين ته ڪان پاڻ بچائڻ جا اپاءَ ڳولڻ وڏرنق آهن.

مطلب ته انهن ڏينهن ۾ جڏهين ڏندن تڙڪائڻ جهڙي ٿڌ ٿي پيئي تڏهين ڪاليداس گهڻي ليلائڻ سان ڪملا کي جوڳيءَ جي درشن جي موڪل ڏني، پر ڪملا جو وڃڻ ڪو عام ماڻهن جي وڃڻ جهڙو ڪين هو. ٿورا ئي ڏينهن ٿي حڪم ڦري ويو ته ڳوٺ جو ڪو به ماڻهو اڄ جوڳيءَ وٽ نه وڃي. ڪاليداس جو ماڻهن ۾ ڏاڍو ڌاڪو هو ۽ ڪنهن کي اُنکي آگيا جي ورتڻ هلڻ جي مجال نه هئي. انهي ڏينهن سوير جو ڪيترين پالڪيون گهرايون ويون ۽ ڪملا ٻنهي ڄڻن ٻڍ هيٺن ۽ نوڪرياڻين سوڌو نڪريءَ ڏي چڙهي هلي. انهن پالڪين سان ڪملا ۽ سندس نوڪرياڻن کان سواءِ ڪيترا ٿهليا پيادا ۽ دربان ۽ پيا ماڻهو به ها. ڪملا جو چوڪر هيرالال به ساڻس هو. هڪ وڻي جي وڻ ۾ هي سڀ جوڳيءَ جي آستان جي ويجهو وڃي پهتا، ۽ جوڳي پاڻ انهن جي آدرسنمان ڪرڻ ڪاڻ گفا کان ٻاهر نڪتو.

ڪملا جوڳيءَ سان گهڻي ويرم تائين ويهي ڳالهه ٻولهه

ڪئي، جڏهن وچ ۾ هن پنهنجي پتيءَ، پڳل رام چند جي پائرن ۽ پنهنجي پٽ جي بيمارين جو ورنن ڪيو ۽ انهن جي ڪاڻ اهڙا اوکد گهر پاءِ جو هوچئي چڱا ڀلا ٿين.

جوڳيءَ ڌوانون ڏٺيون نه ڪيون ۽ ڪي شرط اهڙا ڪنهن وڏاءِ جنهجو ٻور و ڪرڻ ڪو سولو ڪم نه هو. هن چيو ته مون اهو سنڪلپ ڪيو آهي ته سڄي ڄمار ڪنهن گرهستيءَ جي گهر ۾ پير نه پائيندس؛ تنهنڪري ڪاليداس ۽ رامچند جي پائرنکي اوس هت مون وٽ اچڻو پوندو. اتي ڪملا وينتي ڪئي ته جي ڪاليداس کي ڪنهن ريت ٻرپائي ڪٺي هت آڻجي ته ڀلي هنن ڇوڪر نجو هت اچڻ ڪنهن به ريت ٺيڪ نه آهي جو هو ڪنولي ٽان اٿي نٿا سگهن؛ تنهن تي جوڳيءَ هڪڙو اچو سفوف جو ڪنهن شيءِ جي رک ٿي پاتيو ڪڍي ڪملا کي ڏنو ۽ چيائينس ته هن دوا جي ڪاڻ ڪري ڇوڪرن جو لپ لهي ويندو ۽ جيڪا مول بيماري اُن سا نه ويندي.

اينتري ڳالهه ٻولهه پڇاڙيءَ ڪملا پنهنجي نوڪرن چاڪرن سوڌي موٽي پنهنجي گهر آئي.

١٠

جوڳيءَ جو ڪملا درشن ڪري آئي تنهن کان پندرهن ڏينهن پوءِ انهي اچرج جهڙي غار جي سامهون ماڻهن جو وڏو ميڙ اچي ڪٺو ٿيو. سوين هزارين ماڻهو سڀ ڪنهن درجي ۽ عمر وارا جنهن مڙس به ها ۽ استريون به

Gul Hayat Institute

هيون سيٺ پاسن جا اچي عڙيا. انهي ميڙ جو پلا ڪارڻ
کهڙو هو.

پڙهندڙن کي هيءَ ڳالهه ياد هوندي ته جوڳيءَ ڪملا
کي چيٽي رک. انهي مطلب لاءِ ڏني هئي ته رام چند
جي ٻن پاٽرن کي جو ڳجهو روڳ پيو ڪائيندو هو سو انهي
مان ڇٽيءَ لهي نه ويو تب اينترو اوس ٿيندو ته اهو
روڪجي پوندو. انهيءَ رک جي چيٽيءَ ڪرامت جو
اثر ڪري ڏيکاريو ته چاڪاڻ جو انهن ٻنهي ڇوڪرن جو
لپ لهي ويو ۽ انهن جي حالت اڳي کان سڌريل ڏسڻ
۾ آئي. ڪاليداس به جوڳيءَ جي درشن ڪرڻ لاءِ اچڻ
جو وچن ڏنو هو.

نهرايل وقت تي گهڻا ماڻهو پالڪين تي چڙهي غار
ڏي روانا ٿيا ۽ انهن سان استريون ۽ نوڪر چاڪر به هئا.
ڪاليداس هنجي استري پٽ ۽ رامچند جا ٻئي پاٽر،
سدانند جوشي ۽ چوڌري گهراڻي جون گهڻيون ڪري سڀ
استريون پالڪين ۾ چڙهي وييون هيون. انهن کان سواءِ
آس پاس جا ٻيا زميندار پهنجن نوڪرن چاڪرن سوڌو
اچي گڏ ٿيا ها. ماڻهن جي اينتري گهڻا گيه ۽ گوڙ هوندي
به بندوبست اهڙو چڱو هو جو سانتي سانت لڳي پيئي
هئي. ڏک ڏوڻ، هل بکيڙو ۽ دانهن ڪوڪ جو نالو
ني ڪو نه هو. سيٺ ماڻهن جوڳيءَ جي ٻاهر نڪرڻ ڏي
وڻي نهاريو ته چو ته هن سيٺ جي دوا ڦڪي ڪرڻ

Gul Hayat Institute

جو وعدو ڪيو هو. پر هو ڪهڙو علاج ڪندو تنهنجي ڪنهن کي ڪل ڪانه هئي. سيٺ انهن پاڻيون هو ته علاج جو ڪو اهڙو اچرج جهڙو ۽ نرالو نمونو ڏسڻ ۾ ايندو جنهنمان وڏي سياڻپ پڌري ٿيندي.

اٽڪل ٩ بجي جي مهل هئي جڏهين جوڳي غار کان ٻاهر نڪتو ۽ هنکي ڳچيءَ ۾ جوڳين واري ڪفني پيل هئي ۽ هڪ هٿ ۾ هوس ڪمنڊل ۽ ٻئي هٿ ۾ هوس ترسول. ڏاڍي نهرءِ ڌيرج سان هن فقيراڻي ريت هن ميڙ تي درشٽي ٻوڙائي. هنجي شانتي روپ مهانديءَ مان جوش يا خوشيءَ جو ڪو نشان ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو پر ايترو چئبو ته البت ارمان ۽ دک جو ڪجهه چنهه هنيم اوس هو.

جوڳيءَ جي سامهون اچڻ تي وڏن ننڍن ٻوڙهن جوان پرشن استرين گهٽي نمرتا ۽ نيڙت سان ڏنڊوت ڪئي. اهو سڀو ڏسڻ وٽان هو جڏهين جوڳيءَ هٿ کڻي سڀني ماڻهن کي آشيرواد چئي. جڏهين اها رسم ٿي چڪي تڏهين ننڍا وڏا ماڻهو اٿي کڙا ٿيا ۽ ٻئي هٿ جوڙي جوڳيءَ جي مڌر وچن ٻڌڻ لاءِ بيهي رهيا.

ٿورن منٽن کان پوءِ جوڳي هڪ مٺي پرڳري آواز سان جو سڀني کي هڪ جهڙو صفا ٻڌڻ ۾ اچي هن ريت ڳالهائڻ شروع ڪيو. پٽرو ۽ پٽريون! توهانکي سڌ آهي ته اڄ توهانکي هت ڪٺي ٿيڻ جو پريوجن ڪهڙو آهي؟

Gul Hayat Institute

جي اوهين ڪنهن ڪراماتي علاج ڏسڻ جي خيال سان
هت آيا آهيو ته لوهاڻي جو خيال هرو ڀرو غلط نه ڪين آهي ۽
پر لوهاڻڪي هيءَ ڳالهه دل ۾ رکڻ گهرجي ته اجهو هينئر
لوهاڻي اڳيان هڪڙي اهڙي ڳالهه ڪلهي آهي جا
رواجي علاجن کان وڌيڪ وڻندڙ ۽ اچرج جهڙي آهي.
اجهو هينئر هڪڙو ٻڍو چيچل پيد ڪلهو آهي ۽ اوهان مان
جنهن ماڻهوءَ جي ڪنهن ٻئي جي هٿان هاڃي ٿي آهي
تنهن جو پورو نياءُ ٿيڻو آهي.

جوڳيءَ اهي ٻه چار وچن چئي ڪٿي مات ڪئي. ۽
ماڻهن جي ميڙ ڏي چؤڦير نهاريائين، پر ڪنهن خاص ماڻهو
۾ نظر ڪين وچڙاياءِ. سائين ڄاڻي انهن وچن ۾ ڪهڙو
اسرار هو جو انهن جي ٻڌڻ سان انهيءَ ميڙ ۾ هڪڙي
ماڻهوءَ جي منهن تي ٻرڇيون اچي ڇٽڪيون ۽ منهن اهڙو
ٿي ويس جهڙو مردي جو ٿيندو آهي. اهو منهن ڪهڙي
ماڻهوءَ جو هو تنهنجي هنئر جو هنئر اُپٽار ڪان ٿي دکجي
چاڪاڻ جو لڏئي اها ڳالهه پاڻهي پڌري ٿيندي.

ٿورا منٽ رکي وري جوڳيءَ چيو ڪيترن ڏينهن
کان اسانجي پوئتم ڪاليداس جو ساڃو هٿ سڪي پيو
آهي ۽ مون هنجي علاج ڪرڻ جو وچن ڏنو آهي ۽ آءٌ
پنهنجو وچن اوس پورو ڪندس پر هڪڙو شرط آهي
سو بابو صاحب کي نه پورو ڪرڻو پوندو. اهو شرط هي
آهي ته آءٌ جيڪي ڪائنس پڇندو وڃان تنهنجي ورندي

چٽيءَ طرح مونکي ڏيندو وڃي. اڇو بابو ڪاليداس جي، هيڏي مون وٽ اچو.

ڪاليداس جوڳيءَ ڏي وڌي آيو ۽ هنجي چرنن کي ڇهي سنمون تي ويٺو. جوڳيءَ هن جي ساڄي پاسي هٿ ڦيرائي جهاز جو نقطو ڪيو ۽ هن کان پڇيائين ته توهانکي اندر ڪجهه معلوم ٿئي ٿو؟

ڪاليداس ورندي ڏني- هان رشي راج تيئن ٿو.

جوڳي- منهنجي توهانکي هيءَ وينتي آهي ته توهانجي دل ۾ هنڌ جي خيال اٿن تا سي هن مانواري وڏي ميڙ کي ٻڌائيندا وڃو.

تنهنکان پوءِ هڪ پيانڪ سن لڳي ويئي. اهڙي ته مانن تي ويٺي جو پن ڌرتيءَ تي ڪري ته به جيڪر هنجو آواز ٻڌي سگهجي. سڀڪنهنجون اکيون ڪاليداس ۾ وڃي کتيون ۽ سڀڪو انهيءَ واچار ۾ هو ته ڏسجي ته انهي سوال جو ڪهڙو جواب ٿو ڏئي ۽ پڙهو اهڙو ڪجهي جهڙي يت ڪجهي ۽ هو ٻاهر ٻڌيو ويٺو هو. جوڳيءَ وري وري ورجائي سوال ڪيس. تڏهنتي ليت هن چيو ته ٺاڪر جي دل جي خيالن سان توهانجو ڪهڙو پر يوجن آهي؟

جوڳي- اهو پريوجن آهي ته هن ويل توهانجي دل ۾ ڪهڙا خيال پيا تا اٿن.

ڪاليداس- منهنجي دل ۾ ته هن وقت اهو خيال جاڳيو آهي ته تو جهڙي شيطان کي هن ساري ديونگ

۽ نڳيءَ جو جيڪر مزو چکائجي.

اهو ٻڌي چئني طرفن کان هري رام هري رام اهو آواز اچڻ لڳو ۽ چاڪاڻ جو سڀ ماڻهو جوڳيءَ کي مهاپرش سمجهندا ها ۽ تنهنڪري سڀ هنجي پاسي ها.

ڪاليداس جا اهي ڪنور وچن ٻڌي سيٺي کي مٿس ڏمر تيو ۽ ڏاڍي مٺيان لڳين. ماڻهن ۾ جو گوڙ تيو هو سو جڏهين بس تيو تڏهين جوڳيءَ نرميءَ سان سمجهائڻ جي ريت چيو "ڪاليداس، سچ چئو ۽ پنهنجي ڏوهه پاپ جي بوجهي کي ٻهنن ۽ اجائي ڳالهائڻ سان وڌايو نه."

ڪاليداس - بدمعاش ساڌو، چا لون ڪو ڏوهه مون تي مڙهڻ تو گهرين؟ چا تنهنجي چوڻ جو اهو مطلب آهي ته آءٌ ڏوهي آهيان؟

جوڳي - مونکي سچيءَ ۽ نياءَ جي ڪنهن ڳالهه ڪرڻ ۾ ڊپ ڪونهي. آءٌ پورن ساڌو نه ڪٺي هجان ته ٻ اها پڪ چائجو ته آءٌ ٺڳ نه آهيان. مگر آءٌ ڏسان ٿو ته توهانجو پرماڻن ڏي ڪوبه ڌيان ڪونهي، ۽ نه هن ساري دل جي اڳيان پنهنجا ڏوهه ٻاسي انهنجي بوجهي کي هلڪو ڪرڻ ٿا گهرو. سڪ، هاڻي آءٌ پنهن جو سوال توهان کان ٻي ريت سان ٿو پڇان. ڀلا توهين هي ته ٻڌايو ته ڪرشن پرساد ڪٿي ۽ ڪهڙي ڪارڻ مئو هو؟ منهنجو مان وارو ماڻهو هڪڙي ڏينهن سوير پنهنجي هعد ڏي ڪنو پيو هو، هنجو گلو پاڪيءَ سان تمام

گمنام پاڪندي ساڌوءَ وٽ اچڻ وئرت آهي.

جوڳي ٿوري ويرم تاءِ ساڌ ڪٽي ڪئي، هنڪي ڪاڻ ورندي ڪانہ ڏناءِ. تنهن کان پوءِ هن ڇوڪارو هٽي ٻتي گهمرا هوا ۾ همت ڪٽي ڦيرايو؛ انهن تي هو ننيڙو هيرالال يعني اهو ڪوجهو ٻار جنهنجي ننيڙي ٻت تي ڪرشن پرساد جو وڏي عمر وارو مٿو لڳل هو ڏورڙندو وٽس اچي بيٺو. انهي کي ڀهنجن ٻانهن تي کڻي جوڳي ماڻهن جي ميڙ ڏي منهن ڪري چوڻ لڳو "ڪاليداس بابوءَ جي آءٌ زبان ڪولائي نہ سگهيو آهيان؛ پر هاڻي آءٌ سچي ڳالهہ هن ٻار جي واتان سڻندس. هن ٻار ۾ ڪرشن پرساد جي آتما جو واسو آهي؛ هنجي اچا ٻال اوستا آهي؛ جنهنڪري هن سنسار جي وڪ مدجهس نہ گڏي آهي؛ هو نسڪپٽ آهي. توهين سڀ ماڻهو هن جي منهن ڏي چتائي ڏسو؛ هو بہ هو ڪرشن پرسان جهڙو آهي ڪين نہ؟ ڪرشن پرساد جو مٿو گنجو هو نہ هنجو مٿو بہ گنجو آهي. هنمان لا ٿو اٿس ڪو هڪ ذرو؟ هيءَ هڪجهڙائي ڏسي ڏاڍو اپرس ٿو لڳي. توهين هاڻي ڏسندؤ تہ هنہ پرماتما پنهنجو ڳجهہ رکيو آهي. ڪنهين ٻہ ونگي بناوتو ساڌو يا ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪهڙي مجال آهي جو هن ٻر جو اُتارو ٻڌائي سگهي."

هي جوڳي جا وچن ٻڌي ماڻهن کي سياندو وئي

Gul Hayat Institute

ويو ۽ ٻن ڄڻن جا منهن هڪدم ساوا ٿي ويا. نيٺ جوڳي پنهنجي ڏيرج ۽ نهر واري آواز سان ماٺ کي پورو ڪيو. هن انهي ٻار کي هيٺ فرش تي ڪڍي ٻهاريو ۽ پڇڻ لڳس:-

”ٻچا، توکي سڌ آهي ته پٽهي جو مامو ڪٿي مئو؟“

ڪاليداس جي بدشڪل پٽ مٿو ڏوڻي ٻاراڻي ٻوليءَ ۾ ورندي ڏني ”ها، مونکي سڌ آهي، مونکي سڌ آهي.“

جوڳي- سچي حقيقت اسانجي اڳيان ورنن ڪندين؟

ٻار- رات جو وقت هو، اُپ سڀ ڪارن ڪکرن سان ڇانيل هو ۽ چوڌاري پيو جهڙي ماٺ لڳي پيئي هئي. تارو اپ ۾ هڪ به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. آءٌ پنهنجي جاءِ ۾ بي آرامي ۽ وياڪلتا ۾ سمهيو پيو هوس. منهنجي اها عادت آهي جو دروازي کي ڪلف يا ڪڙو نه ڏيندو آهيان، تنهنڪري ڪوبه ماڻهو در کي ڌڪو ڏيئي کولي پلي اندر گهڙي اچي. منهنجي جاءِ ۾ پٽيءَ اوندهه ڪين هئي، ڇاڪاڻ جو منهنجي ڪمت جي پرسان هڪ ننڍي ميز تي موم بتي پئي ٻري. انهن اوچتو ڪمهن مهل منهنجي اک کلي پئي. انهيءَ ويل انهن معلوم ٿيم ته ڪو هٿيو ڪا شيءِ کڻي پير پير ۾ هري هري اندر پيو اچي ۽ روشنائي جهڪي هئي لنهنڪري سڌ نه پئي سگهي ته هٿيو ڇا هوس ۽ هو ڇپ چاپ منهنجي کمت وٽ آيو ۽ پوءِ ......................

Gul Hayat Institute

ٻار اڃا ٻيو ڪجهه وڌيڪ نه ڪڇيو هو ته ڪاليداس ڇرڪ ماري اٿي کڙو ٿيو. هن جون اکيون ڏسڻ ۾ جهنگ جي مرون ۽ وانگيان پيون ٻرن. اهي ڏسي ڀؤ پيو ٿئي ۽ هن جو آواز اهڙو ڳرو ۽ گهگهو ٿي پيو هو جڻڪ گلو ويهي ويو هوس. هيرالال جنهن ڳالهه ڇڏي هئي، اتاهون وٺي هن هلائي ۽ هو چوڻ لڳو "پوءِ مون چيو ته، تون ڏاڍ مڙسي هليو آهين، تنهنڪري جهڙو موت تنهنجو مرڪ آهي تنهن سان مرڻ ايترو ڇٽي پوءِ مون پنهنجي مامي جو گلو وٺي دٻايو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو ٻاڪي ڦيرائي ويو ساڻس."

هي ٻڌي پنو ڇٽي هن ڇرڪي جوش ۾ اچي پنهنجي ٻالڪ هيرالال جو گلو ڏاڍي زور سان گهٽيو. هن ائين ٿي ڀانيو ته هو خود ڪرشن پرساد آهي جو مرتيو لوڪ مان موٽي هن لوڪ ۾ پنهنجو قصو ٻڌائڻ آيو آهي. انهي مهل ميڙ وارن ماڻهن جي دل ۾ ڇا هوندو تنهنجو قياس پاڻڪ پاڻ ڪري ٿا سگهن. ڪملا ويچاري ماتا جي ممتا ڪري انهن ني ٻي اڱڪ ڊوڙي پنهنجي پٽ ۽ وٽ ويئي ۽ انهيءَ ويل هن پنهنجي سپاهيڪ مان پردي جو به مور خيال ڪونه ڪيو، ۽ وڃي پنهنجي ٻالڪ کي ڪاليداس جي واگهوءَ جي وات جهڙي پڃڙ ڪان ڇڏايو.

ڪاليداس جون اکيون رت سان ڀريلون هيون، ۽ جوش ڪري منهون ڦڪيڙيلون هيس ۽ ٻر انهيءَ مستيءَ

Gul Hayat Institute

جي حالت ۾ چوندو ويو ”هن دربل شرير کي جو اڳيئي موت جو درڪڙ ڪائي رهيو هو، نڪاڻي لڳائڻ ۾ ويو مڃي ڪانہ لڳي. پر مرڻ مهل هن جو مونکي سراپ ڏنو سو هن ويل تاءِ مونهنجي پٺيان لڳو پيو آهي، ۽ نيٺ مونتي اچي قابو پيو آهي؛ هاءِ، هاءِ، خون ۾ هٿ رڱي مرن جي حالت ۾ چپ چاپ پير پير ۾ آهستي اِنجي ڪوٺيءَ کان ٻاهر نڪتس ۽ اوندهہ ۾ هٿوراڙيون ڏيئي رامچند جي خالي پيل ڪوٺيءَ ۾ ويس. اُنهيءَ ويل پاڇي وانگيان ڪا شڪل مونهنجي پرسان لنگهي ويئي؛ پر اونداهي رات ۾ آءٌ سڃاڻي نہ سگهيوسانس ۽ نہ مون اُنهيءَ ڳالهہ جي نرني ڪرڻ جي ڪا تانگهہ رکي تہ هو منکہ هو، کي ڏسان کو پوت پريت هو. آءٌ سڌو ئي اُنجي ڪوٺي ۾ گهڙيس ۽ هنجي بستري وٽ وڃي اها رت پيل پاڪي مون هنجي هيٺان ڪڍي لڪائي ۽ پوءِ انهي ريت چپ چاپ ٻاهر نڪري آيس.“

هو ڳالهائيندي ڳالهائيندي اٽڪي پيئو، پوءِ وري ڏڪي ويو. ايتري ۾ غار جي اندران ڪنهن عورت جي شڪل نڪرندي ڏسڻ ۾ آئي، اها اچي جوڳيءَ جي پير ۾ ويهي رهي. هيءَ اها جوڳڻ هئي جنهنجي پسگردائيءَ جو هر ڪو ماڻهو ساک ڳائيندو هو. انهي کي ڏسي سڀئي ماڻهن نمي ڏنڊوت ڪئي، ۽ جوڳڻ سڀني کي آشيرواد ڏني.

ايتري ۾ جوڳيءَ هن ڏانهن نهاري چيو "پٽڻ، تون هن ميڙ ۾ ڇا ڪاڻ آئي آهين؟ جوڳڻ هن ميڙ ڏي تکي نظر سان نهاري ورندي ڏني "آءٌ آئي آهيان پنهنجي شاهدي ڏيڻ ۽ نياءَ ۽ سچائيءَ جي مدد ڪرڻ. منهنجا پيا، توهانکي سڌ ڪانهي ته آءٌ آهيان ڪير؛ پر هينئر جو هينئر آءٌ توهانکي پنهنجي ساري حقيقت کولي ٻڌائينديس. آءٌ اها آتما آهيان، جنهنکي اونداهي ۾ خونيءَ رامچند جي ڪوٺيءَ ڏي ويندو ڏٺو هو. انهيءَ ساريءَ خرابيءَ جي پاڙ آءٌ آهيان، جا مدنپور جي چوڌريءَ جي خاندان تي اچي ڪڙڪي آهي. آءٌ اها ليپاڳي بسنت ڪماري آهيان جنهن سان پرڻجڻ جي رامچند ۽ ڪرشن پرساد ٻنهي سڌ ڪئي هئي. سڄو رڳو منهنجي ڪاڻ ڀلي مانس رامچند جو هاڻي راجپوتيءَ تاريخ جو هن سمي جو چنڊ آهي پنهنجي پتا جو گهر ڇڏيو ۽ اجوڌيا جي سريءَ رامچند وانگر ڄاڻي ٻجهي بن واس ڀوڳيائين."

بسنت ڪماري، بسنت ڪماري منهنجي نيڻن جو سوجهرو، ڇا تون نيٺ موٽي آئي آهين؟ هي وچن مکه مان ڪڍندو پوڙهو سدانند جوشي لٺ جي سهاري لي رڙهندو پنهنجي لياڻيءَ ڏي هليو؛ پر هن هٿ جي اشاري سان روڪيس ۽ چيائينس:-

اي پتا، هاڻي آءٌ تنهنجي ڌيءَ نه آهيان؛ هاڻي

آءٌ هن جي نيچ چيلي آهيان جو سڄي جڳتر تي ڏکو هلائي ٿو ۽ پر هاڻي ڇڏيو ته آءٌ پنهنجي ساري وارتا ٻڌائي وڃان.

رڳو منهنجي ڪاڻ ڪاليداس پنهنجي ماءِ جي لوهوءَ ۾ هٿ رڱيا، جنهن هنکي پاليو ۽ نپايو هو ۽ جو هنکي پنهنجي پٽ رامچند کان به گهڻو پيائيندو هو. هن پاڳن مٺي نندوري انين ڄاتو هو ته جي آءٌ ڪرشن پرساد کي ڪپائي ڇڏيندس ۽ انهي ڀيانڪ پاپ جي غيرحاضر رامچند تي مڙهڻ ۾ سوڀارو ٿيندس ته پوءِ مدن پور ۾ منهنجوئي ڏکو رهندو ۽ پوءِ آءٌ بسنت ڪماريءَ کي پنهنجي وس ڪري ان سان پرڻجي وهندس ۽ ۽ هوءَ پاپ جي ڪمايل ڌن ۾ مونسان ڀاڳي ٿيندي. پر هن جڏهين مونسان پرڻجڻ جي ڳالهه ڪئي تڏهن مون هڪدم انڪار ڪئي. منهنجي دل منهنجي وس کان ٻاهر هئي. منهنجي دل ته رامچند جي وس قابو هئي ۽ هنجي ٿي چڪي هئي، ٻئي کي اها ورڻي نه هئي تنهنڪري مون هنجي ڳالهه نه ٻڌي ۽ تنهن ڪانپوءِ ........

ڪاليداس اڻ پوري جملي کي ٻاڻ پوري ڪرڻ جي خيال تي چوڻ لڳو "تنهن ڪانپوءِ هڪڙي رات جو آءٌ تنهنجي ڪوٺيءَ ۾ گهڙي آيس ۽ تنهنجي ست بگاڙڻ جي ڪاڻ تنهنجي ڪمت تي وڃي پهتس. بسنت ڪماري، تون انهيءَ مهل ننڊ ۾ اونگهه پيئي

Gul Hayat Institute

هئين. مون پشوءَ وانگر تنهنجي سيل کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ سمت سشيلتا جو هار جو تنهنجي پيشانيءَ جي سوڀيا هو تنهنکي ڇني ڪٽي ڦٽو ڪيم. انهيءَ وچ ۾ تنهنجي اکہ کلي ۽ تو رڙ ڪئي؛ پر مون تنهنجو وات ڪٽي ٻوساٽيو. جڏهين منهنجي مستي لٿي تڏهين مون توکي چيو ته هاڻي جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ويو؛ چڱو انهن آهي ته انهيءَ ڳالهہ کي ڇپائي ڇڏ، ۽ منهنجي استري ٿيڻ جي ڳالهہ ڪٽي مڃ. ٻئي ڏينهن سوير جو لوڪ اڪي پڇي وئين. موکي سڌ هئي ته تنهنجي اهڙي طرح ڪم ٿي وڃڻ جو ڪارڻ ڪهڙو هو، پر اها ڳالهہ اهڙي نه هئي جو پڻ جي اڳيان ڪري ٻڌائجي. جيتوڻيڪ منهنجن ٻچڙن ڪرلون ڪري تنهنجو شرير اپوتر ٿيو هو، پر تنهنجا ويچار سداءِ سيل جائي هوا، انهي ڪري لوڪ هڪ بيڪارڻ فقيراڻي ٿي گهر مان نڪري هلي وئينءَ.

Gul Hayat Institute

اتي هو انڪي ٻيهي رهيو. جئن طوفان لڳندو آهي ته سمنڊ ۾ لهرون اٿنديون آهن، تئن هن ماڻهن جي وڏي ميڙ ۾ هل چل پيدا ٿي. سڀڪنهن ماڻهوءَ اکيون ڪٽي ڦونداريون. اهڙو ڪوبہ ماڻهو انهي ميڙ ۾ ڪونه هو جنهنجي اندر گرم پاڻي وانگيان رت ٽهڪڻ نہ لڳو هو. پر جوڳي جئن ماڻهن لي هڪ درشٽي وڌي تئن اهو جوش پٽيءَ لهي ويو. نيٺ جوڳيءَ چيو ”اڙي

نياڻا، تنهنجي پاپن جي، ارمان آهي تہ اجا تاءِ پڇاڙي نٿي ٿئي."

ڪاليداس چيو "پڇاڙي نٿي ٿئي، نٿي ٿئي. مون تنهنجي هڪ پاءُ ڪي وهہ ڏيئي ماريو ۽ ٻين جي ٻہ پنيان هوس تہ ايتري ٻر لو نياڻي جو هٿ پير اچي پيو."

هو وڏيڪ ڳالهائي نہ سگهيو ٻر ڏرڪي تي مٿي جي ٻنلي وانگيان ڪري پيو، سندس ٻت سارو سانو ٻر ٿي ويو.

## پڇاڙي

جڏهن مهل ڪاليداس پنهنجي پنهنجي مامي جو خولي ۽ اسدس ڪماريءَ جو سٽ نوڙڻ وارو ۽ رامچند جي پائون جي مارڻ جي اچا رکندڙ چٽي چڪو، تنهن مهل هو ٻي سرليو تي ڏرڪي تي ڪري پيو، ۽ هنجو سر ٻر مٿيءَ جهڙو ٿي پيو، ۽ هو نہ ڳالهائي ٿي سگهيو ۽ نہ چري ٻري ٿي سگهيو.

هو ڏرڪي تي رامچند جي پيرن وٽ ڪري پيو هو، هن جي ڪرڻ سان هنجي سندر ۽ پتورتا استري ڪملا هنجي پرسان گوڏو کوڙي اچي ويٺي ۽ پنهنجي ساڙيءَ جي هڪ پلؤ سان هن تي پکو هڻڻ لڳي. هن ائين ڀانيو هو تہ ائين ڪرڻ ڪري هو سامت ۾ ايندو. هن جي زرد ڳلن تي گرم جلائيندڙ لڙڪ ريلا ڪري پئي وهيا. هڪ ٻہ لگا هن ٻههڄون لڙڪن پريون اکيون

جوڳيءَ رامچند جي صاف ۽ شانت واري منهن ڏي ڪنيون ۽ هن پانيو ته هنجي منهن ۾ ڏمر ۽ ڪروڌ جا ڪي چنه ڏسباءَ ۾ اٿين نه هو. هنجي ڀاڄهاري ديالو ۽ شانت روپ منهن کي ڏسي هنکي آتت آيو، ۽ پنهنجي پتيءَ جي پاسي کان اٿي رامچند وٽ ويٺي جنهن سان هو هڪڙي سمي مگيل هئي ۽ هنجي چرڻن وٽ گوڏا کوڙي اچي ويني ۽ پنهنجي ڦولن جهڙن ڪومل هٿن سان هن جي پيوسٽ هاٿن پيرن کي ٽٽي جهليائين، چٽڪ زبان جي بدران پنهنجو حال هٿن سان ٻڌايائين ته سندس پتيءَ کي جيءَ دان ملي. هوءَ سياءَ ڪري ڏاڍي ڏيرج واري ۽ لڄاري استري هئي، پر هاڻي جڏهين ڇالي روڪيلن جڏين ڪري کهري سمنڊ جان دک دک ڪري رهي هئي لڏهين انهي ماڻهوءَ جي سهائتا ۾ هڪڙو پنو به سندس واتان نڪري نه سگهيو، جو سگهه دکه ۾ الڳاٿي ڇڳاٿي ۾، نيڪي بديءَ ۾، هن لوڪ ۽ پرلوڪ ۾ سندس ڏٽي هو. هوءَ دکه ۽ شوڪ جي اهڙي مورت بنجي ويٺي جو اصلي ماڻهن جا خيال بدلجي ويا. هزارين ماڻهو جي ڪاليداس کي ويڙي نڪر نڪر ڪرڻ لاءِ سنيريا وينا ها سي هاڻي انهيءَ ڪارمنهين پاپيءَ جا واهرو بنجي ويا جنهن ماڻهوءَ جي ساه کي ڪيلي ماڪوڙي جي ساه کان به گهٽ سمجهو هو. ماڻهوءَ جي دل جي اڇرج جهڙي حالت آهي،

جنهنجو ڇڪين ماس ڇنڊڻ لاءِ تيار ٿئي ننهن تي گهڙيءَ کان پوءِ ساهه صدقي ڪري!

جوڳيءَ انهيءَ سڄيءَ حالت کي ڏاڍي سوچ سان پڙهي ڏٺو هو پروڙيو ته جيتوڻيڪ ڪاليداس پاڻ جي ڪارهن کان پوءِ ٻوڙي ٻي سريو تي ڌڙائي لي مٿي وانگر ڪري پيو آهي نه ته هنجي استري جي حال کي ڏسي ماڻهو دم دم هنجا حامي ٿيندا ٿا وڃن. ڪملا جي اهڙي زناني سياڻپ ۽ پڻهنجي پتيءَ سان اپتري پريم رکڻ ڪري جوڳي ڏاڍو پرسن ٿيو، پر هن پنهن جي زبان سان يا هلت چلت مان دک يا خوشي يا ديا يا چڙ جو ڏيکارو ڪونه ڏنو، ٻه چار، پنج ڏهه مدت لبري ويا پر ڪاليداس ڇريو ڦريو ڪين. ڪملا اچا تاءِ جوڳيءَ جي چرڻن کي چنبڙي پئي هئي. ڪنهن ڪنهن مهل هوءَ لڪ ڇپ ۾ جوڳي جي منهن ڏي يا پڻهنجي پتيءَ جي سر ڏي نهاريندي رهي. نيٺ جوڳيءَ هنجي مٿي تي هٿ ڦهايو ۽ هنکي اُٿاري پيهاري چوڻ لڳو-

”ديوي ڪملا! تون پڻهنجي پتيءَ جي ساهه جو ڪو فڪر نه ڪر. پاپين کي سيکت ڏيڻ منهنجو ڪم نه آهي، پر جن ماڻهن ايشور جي آگيا جي ورڌ ڪم ڪيا آهن تنکي اهين نه سمجهڻ گهرجي ته اسين هنجي ناراضپي کان بچي ويندا سون. اسين تا سوامت منک يي

اُهي پڇڻ ڳائڻ شروع ڪيا جنهن ڪري سنسڪرت ٻولي ايترو جڳتو پر پرسند آهي. انهن ٻنهي جو گڏيل آواز ڪڏهين جهڪو ڪڏهين مڌيم ۽ ڪڏهين وري وڏو ٿي ٿيو. انهن جا پوتر رڌي مان نڪتل پڇڻ هوا کي شڌ ۽ پوتر ڪندي آڪاس ڏي چڙهندا ٿي ويا. انهن پڇڻن کي ٻڌي سيڪنهن ماڻهوءَ جي دل پرمڪتيءَ جا امنگ اٿي رهيا ها. سچ پچ اهو سمو ڪهڙو سوڀياوان پوتر ۽ شڌ آتمائن کي مگن ڪرڻ وارو هو. ڏيري ڏيري ڪاليداس کي هوش ايندو ويو ۽ نيٺ هو اٿي ويٺو. انهيءَ مهل هنجي اکين مان اڇرج جهڙي روشني پئي ظاهر ٿي، ۽ هنجي ٻڌي ۽ سمجهه جي ٻيڙي پاپن جي ڇپ سان لڳي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويئي. ڪملا جهٽ هن وٽ ويٺي ۽ هنجو ڪبو هٿ پنهنجي ساڄي هٿ پر وٺي ايشور کي پرارٿنا ڪرڻ پر لڳي ويئي؛ ۽ ڀڪ آهي ته هنجي پرارٿنا مٿي پهچي ويئي هوندي.

Gul Hayat Institute

جڏهين منتر آدي سڀ پڙهي چڪا تڏهين رامچند پنهنجي ننڍن ڀائن کي پاڻ وٽ سڏي مٿي ٿي هٿ گهمائين ۽ پرميشور جي دربار پر هنن جي ڪلياڻ ڪاڻ پرارٿنا ڪيائين. انهيءَ مهل خوشي ۽ ڏک جا لڙڪ انهن نينگرن جي اکين پر پرجي آيا؛ هنن کي خوشي هن ڳالهه جي ٿي جو هنن جو ڀُر ٿي ويل ڀاءُ نيٺ هڪڙي نموني پر ساڻن اچي مليو، ۽ ڏک هنڪري هون ته هو

سگهوئي وري ڪانئن وڇڙي وڃڻو هو. هاءِ، انهن يتيم ڇوڪرن جو ڀاڳ ڪهڙو رليل هو. ويچارن رامچند کي موٽي گهر وڃڻ لاءِ ڪيترو ئي ٻاڏايو پر جڏهن سري رامچند بنواس وڃڻ وقت ڀرت کي دلاسا ڏيئي ڏيئي پٺ تي موٽايو هو تڏهن هن جوڳي رامچند ۾ ڌيرج ۽ ڏاڍي نهر سان هنن جي ويٺي نه مڃي. رڳو ايترو چيائين ته آءٌ جيترو ٿي سگهندو ايترو پري ڪان پيو اوهان جي سنڀال ڪندس.

Gul Hayat Institute

# ٻه منڊيون

هڪڙو سنڌر جوين وان جوڙو هڪڙي باغ جي سايه دار منهن ۾ ويٺو هو. انهي آڳاٽي سمي ۾ بنگالي اپسمنڊ جو نيرو پاڻي تملڪ نالي جهوني نگر جي وٽ سان اچي لڳندو هو ۽ هنجي لهرين جو گجگوڙ سنڌس ڪنين ۾ پيو پڌبو هو. تملڪ نگر جي پسگردائي ۾ هڪڙو عاليشان محلات هو ۽ اُنجي پر ۾ سمنڊ جي ڪنڌي تي هڪڙو ڦولواڙي وارو سنڌر گهر هو. اهي سڀيئي سنڌر ملڪيتون هڪڙي واپاريءَ جون هيون جنهنجو نالو هو ڌناداس. جنهن ڪماريءَ هاڻي منهن ۾ هڪڙي سويمبڪ جوان سان ڳالهيون پئي ڪيون سا انهي واپاريءَ جي سنڌر ۽ موهڻي ڪنيا اندراڻي هئي.

اها ڳالهه رءِ جهڙي مڃبي ته جنهن وهيءَ ۾ هند ڪيون نيڱريون گهڻو ڪري پرڻجي وينديون آهن سا وهي اندراڻي لنگهائي آئي هئي. سنڌس ٻاران ڏڪا جهل پل ڪانه هئي. هن ته پاڻ پارهين جنم ڏينهن کان وٺي سڄا پنج ورهيه ساگرپشوري سنڌر ديويءَ کي پلو پئي پاتا ته پاڳ ورڻ ۽ من پاوندو ڀتار ملي، پر ايسين سوڌو ته اڃا سنڌس منوڪامنا پوري ڪانه ٿي هئي. هند ڪي

ته گهڻيون آزيون نيازيون ڪيون هوائيندس ۽ انهن ڇوائي مڪو هوائيندس ته مونکي ڪا تمام ڳجهي ڳالهه توسان ڪرڻي آهي. جڏهن اندرائي منهن ۾ پير پاتو جنتي هو سندس ڪاڻ ٿر سيو بيٺو هو تڏهن هوءَ اُمالڪ چوڻ لڳي ته ”توهان مونکي ڇو گهرايو آهي؟ توهانکي ڇڱيءَ پر سڌ آهي ته آءٌ ننڍڙي نينگر ڪين آهيان ۽ هاڻي اسان جو پاڻ ۾ هيڪلو گڏجڻ نڪي ٺهي نڪي جڙي. اڳتي جيڪڏهن توهين مونکي سڏيندؤ ته آءٌ پتيءَ ڪين ايندس.“

هن منڙيءَ سورهن ورهن جي نينگر جو گنڀير پاءَ سان انهن چوڻ ته ”اوهانکي سڌ آهي ته آءٌ اجا تاءِ ننڍڙي نينگر نه آهيان،“ ڏاڍو سهڻو لي پاسيو. پرارمان آئي پيو وانگي ڪونه هو ڇو اهو مزو ڏسي ها. ڇا لڳي چندرڀان جي وهي ۽ سياءُ ڇا لڳي نينگر جي انهيءَ چوڻ ۾ انهيءَ ٽوڪ ڪان هنکي اوس اڇرج لڳو.

هن منهن تي چڙهيل ول مان هڪڙو گل پٽيو ۽ متوالن وانگر هنکي چنبي ذرا ذرا ڪري قتو ڪرڻ لڳو.

هن اُداسائي سان چيو ”آءٌ ڪڏهين به وري اچڻ لاءِ توکي نه چوندس ۽ آءٌ ڏوراهين ديس ٿو وڃان سو ڇيم نه وڃڻ کان اڳي توکي ٻڌايان.“

”ڏوراهين ديس!“ هن واڪو ڪيو ”ڪاڏي ٿا وڃو“؟

هن وراڻي ڏني ”لنڪا ٿو وڃان.“

Gul Hayat Institute

”لنڪا“! هن چيو ”سوچو“؟ لنڪا ڇاڪاڻ ٿا وڃو“؟

”آءٌ ڇاڪاڻ ٿو وڃان؟“ هن ورندي ڏني ته ”اسين واپاري ماڻهو آهيون ۽ سمنڊ جي مسافري اسان جو ڪم آهي.“

جڏهن هن ڳالهايو، تڏهن، لوڙي هن پاڻکي روڪيو ته گهٽو، پر اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيس.

اندرانئي جڏهڪ اهو ٻڌو ئي ڪين. هن هڪ اکر به نه ڪڇيو ۽ ٻارن وانگيان اکيون کولي جڏهڪ سمنڊ جي چلڪندڙ لهرين جو تماشو پئي ڏناءِ. سوير صبوح جي مهل هئي. ڪومل هير پئي لڳي. هير سان جي لهريون ٿي اُٿيون، ڏن ٿي سج مزي سان پئي چمڪيو. لهرين جي بهير ڪنٺي تي سنڪو لائي ڏنو هو. نيري جل تي ڦيڻ ائين پئي ڏني، جڏهن نيري پوشاڪ تي مٺيا ڏسبا آهن. سمنڊ جي اڇين ڇڪين جي ٽولين ڪنارن تي ڪلول پئي ڪيا. اندرانيءَ جڏهڪ اهي سڀ سندر ڪيل سمنڊ جو نيرو جل، لهرين جي مٿان اڇي گجي، لهرين تي سج جي جي ڪرڻن جو ٽڪو پئي جاچيا. سمنڊ تي پريان جهاز پئي آيو تنهن ڏي هن ائين توائي پئي نهاريو. پوي ڪان هڪڙي پکي تي نظر پيس جو نيري صفا آسمان ۾ ڪاريءَ ٻڙيءَ وانگر پئي ڏنو. پڇاڙيءَ ۾ وات ني ڪوماڻل گل پيو هو تنهن تي وڃي درشت ڪنيس. مس مس وات

مان نڪتس "چاڪاڻ تہ وڃون؟ اڳي تہ اهڙين واپار جي مسافرن لاءِ لوهانجو پتا ويندو هو."

چندريان وراڻي ڏني "منهنجي پتا جي هاڻي پيري آهي. هاڻي منهنجي ڪمائڻ جو وقت آهي. مون بابي جن کان موڪل ورتي آهي تہ سندن بدران آءٌ وڃان."

اندراڻي منهن جي هڪ ٽوڪريءَ لاءِ مٿو رکي ويٺي هئي. چندريان ڏٺو تہ هنجو نرار ڏک سان گهنجيو پيو هو، هن جا سهڻا چپ پٺي ڏڪيا ۽ هنجون ناسون پٺي ڦڙڪيون، جهٽ هنڪي ڏسڻ ۾ آيو تہ نينگر بيٺي رئي.

چندريان لڪڙ سان پاسي ڦري بيٺو. هن ٻہ ائين تواڻي آس پاس نهاريو، مٿي اُپ ڏي ڏسي وري سمنڊ ڏي ڏٺائين، نگر ڏي نهاري وري سمنڊ ڏي نهاريائين، پر انهن ڳوٺاڻن مان ورلو ڪي ڪين، اکين جا لڙڪ ڪٿي تہ لڪن، اُهي سندس ڳلن تي پٺي وهيا. هن چڙ مان لڙڪ اُگهندي چيو "آءٌ ٽوڳي اهڙا ڳالهہ ٻڌائڻ آيو هوس. جنهن ڏينهن تنهنجي پتا پڌرو ڪيو آهي هو اسان جي پرڏيهہ ۾ راضي نہ آهي تنهن ساڳئي ڏينهن مون لنڪا وڃڻ جي پڪ ڪئي. مونکي اُميد آهي تہ آءٌ وري نہ موٽندس. آءٌ هيئنر وڌيڪ ڪجهہ نٿو سگهان، وڌيڪ ڪي چوندس تہ تون سمجهي ڪين سگهندينءَ. پر هيءَ ٻڌي ڇڏ تہ جي هڪ پاسي سارو جڳ ۽ ساري جڳ جو ڌن دولت ۽

Gul Hayat Institute

ٻئي پاسي ٽوڪي رکندا ته منهنجي منڊي، آءٌ ٽوڪي ڏيندس."

ائين چئي هو اڳيرو ٻئي پاسي ڦريو ۽ ٻيو ڳل ڇنڊي ڦٽو ڪندو هيٺ ڌتي ٻئي آيو ويو. جڏهين رڻ جو ٻڏ ڪي ڪجهه پورو ٿيو لڏهين هو وري ٻنهي موٽيو ۽ چوڻ لڳو ”مونکي پڪ سڌ آهي ته تنهنجي مونسان دل آهي؛ پر سگهو ڪي جرڪو تون نيٺ وڃي ٻئي ڪنهنجي پلئي پوندينءَ؛ تنهنڪري تون مونکي دل لسان لاهي ڦٽو ڪر، ۽ دعا ڪر تہ اسين شال وري ڪڏهين به پاڻ ۾ نه گڏجون."

ائين چئي ويچاري چندريان ٻوليان ٻير ڪيا. اندراڻي اتي وڃي رهي ۽ اچي رڻ ۾ ڇٽڪي. پنهنجو دک جهلي دل ۾ چوڻ لڳي تہ ”جي آءٌ اڄ مري پوان تہ چندريان چاڪاڻ جيڪر لنڪا ڏي وڃي؟ هئن ولين مان ڏڪڙيءَ سان لڙڪي چون پوان يا ٻاٽڪي هن سمنڊ ۾ ڇون اُڇلائي وڃان؟" پوءِ وري هيءَ سمجهه پيس تہ جي آءٌ مري ويندس تہ پوءِ چندريان لنڪا وڃي لہ مون ڇا ۽ جي نہ وڃي تہ مون ڇا؟ انهي ڇتونا ڪندي اندراڻي ويهي ماٺ ماٺ ۾ رڻ لڳي.

٢

ڪنهين ماڻهوءَ کي ڪل ڪانہ ٻئي تہ چاڪاڻ ڏناداس پنهنجي ڏيءُ جو وياهہ چندريان سان نہ ڪيو. جيڪي

سندس گهرا ٻرپتوان هتا تنکي ٻہ انهي ڳالهہ جو پيد ڪونہ سلياءِ. جيڪڏهين ڪنهن ڪٽي تي ڪارڻ ٻچپس لـ انکي رڳي هي وراٽي تي ڏناءِ تہ مان جاٽان منهنجو ڪم جاٽي. وڏي اچرج جي ڳالهہ هئي تہ جيتوڻيڪ هنکي اندراڻيءَ جون انيڪ مائٽيون آيون تہ ٻہ هن سيني کي ناڪار واري. هو اصلي ٻڙ ڪڍي بيٺو، چوي تہ انهي بابت مونسان چپ ٻہ ڪونہ چوري. سندس استري گهٽائي ڏکـ ڏورابا ڪڍيس تہ ايڏي وهيءَ واري نينگر گهر ۾ وهارڻ جوڳـ نہ آهي، پر هن انهن تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو. هن رڳو ايترو چيو تہ اسانجو گهرو اڇي تہ پوءِ ڳالهہ.

چندريان لنڪا ڏي اُسهيو. ٻہ ورهيہ نبري ويا تہ ڪا اهڙي چوڻ جهڙي ڳالهہ ڪانہ ٿي. پر چندريان موٽيو ڪون ۽ اڪو ڪو اندراڻيءَ جي ٻرٽي جو ٻلو پيٽي ٿيو. هن وقت نينگر جنهنجو ارڙهن ورهن ۾ پير هو، سا اهڙي سندر ۽ موهڻي ٿي ڏٺي، جهڙو سنت رس ۾ ٻور سان پريل انب جو وڻ ڏسبو آهي.

اندراڻيءَ کي هيڏي عمر تائين ڪنواري رهڻ جو هنڌر دکـ ڪون هو. جيڪڏهين سندس وياهن جي ڪا ڳالهہ ٻولهہ هلندي هئي، تہ هنجو خيال ٻوڙندو هو ڇهت چندريان ڏي. هنجو گل جهڙو سهڻو سرهو ڪلهو منهن جدهن ٿي سندس گهنبيدار ڪارا وار پيا لڙڪندا ها، سداءِ سندس

اکين اڳيان هوندو هو. هن پهلوان جي ڪلهن تي زوردار نيرو جبو پيل هوندو هو، تنهنڪري پيئي ياد ڪندي هئي. هنجي آڱرين ۾ جي چمڪيدار منڍيون هوندا بون هيون سي ياد ڪري پئي ڇهڇندي هئي. هن سمجهو ٿي ته هوءَ پرڻبي نيٺ اتي جتي سندس پتا جي اڇا هوندي؛ پر اُهو سندس ڪاڻ تيندو نسورو جئري موت. پڻس جي سندس پرڻي لاءِ سندس مرضي نه ٿي لهن تي هوءَ راضي هئي نه ڇا، جي ٻي راضي هئي ته ڇا، پر ايترو ته آهي ته هوءَ ماڃهي پيئي هئي. سندس وهيءَ جيڏين ايمگرين کي اڻ پرڻيل گهر ۾ رکڻ جو دستور نه هو. جي ويانهن سنسڪار نه ٿيندو هو ته ٻه ماڻڻي ڪري ڇڏيندا ها. هي ڏاڍي هڪڙي اڇرج جهڙي ڳالهه هئي جو پڻس هنجي مٽي ماڻڻي جي ڳالهه ئي نه پيو ٻڌي. انين ڪرڻ لاءِ هنکي سبب ڪهڙو هو تنهنجو اچانڪ هڪڙي ڏينهن اندراٽيءَ کي پتو پئجي ويو.

واپار جي ڏنڌي ڪندي ڏناداس کي هڪڙي سندر چيمائي صندوق هٿ لڳي وئي هئي. انهيءَ ۾ جون صندوقون گهڻو ڪري جي تيندڻيون آهن تن کان هي البت وڏيرڙي هئي؛ سندس استري پنهنجا ڳهڻا ان ۾ رکندي هئي. ڏناداس پنهنجي استريءَ ڪاڻ ڪيترا نوان ڳهڻا ٺهرايا هئا، تنهنڪري هنجي پتني پنهنجي پراڻن مٽيڻ جي صندوق ڪٽي ڌيءَ کي ڏني.

اندراڻيءَ جڏهين اُهي ڳهڻا ويڙهي وراڻي صندوق ۾ ناهي ٿي رکيا، تڏهين ڏٺائين تہ صندوق ۾ هڪڙو اڌ قاتل ڪاڳر ٽڪر پيو آهي.

اندراڻي ڇڳي پڙهيل هئي. هوءَ جا ڪٽي انهيءَ ڪاڳر ٽڪر ڏي نهاري تہ ڏسي تہ سندس نالو لکيو پيو آهي. هوءَ اچرج ۾ پئجي ويئي. هن وري وري اهو ڪاڳر ٽڪر جاچي ڏٺو، پر هن تي جيڪي لکيل هو تنهنجو مطلب سمجهي ڪين سگهي؛ ڪا اها سڌ پئي سگهيس تہ ڪنهن لکيو آهي؛ ڪنهن ڏي لکيل آهي. پر ڪاڳر ٽڪر تي جيڪي عجب جهڙا اکر ڏٺائين تن مان سندس دل ۾ خوف اچي جاڳيو. انهيءَ ڪاڳر ٽڪر تي هن ريت لکيل هو:-

"گرهن جاچڻ سان ڏس
اندراڻيءَ جهڙي سونهن مورت
وڏي پيالڪ آپدا آئيندي
ورهن تائين هڪ ٻئي کي نہ ڏسندا
ڏسي سگهان."

نيمگر جي دل ۾ پڻ اچي جاڳيو تہ ڪا آپدا اچي ڪڙڪڻي آهي. هن اهو ڪاڳر ٽڪر سنڀالي ويڙهي ڪٽي رکيو؛ اُنهي ليڪ بابت ڪنهين سان ڳالهہ ڪانہ ڪيائين.

٣

مٿي جي ٻہ ورهہ چياسون لن ڪانپوءِ وڃي پيو هڪڙو

نه ڏناداس آيو ڏي کي ونڻ. جتي ويانهن سنسڪار ٿيڻو هو تتي هنکي وٺي وڃڻ کان اڳي هنجون اکيون ڪپڙي سان اهڙيون سوگهيون ڪري ٻڌاءِ جو هوءِ ڪي ڀ ڏسي ڪين ٿي سگهي. اندراڻي پڇو بابا، هي ڪهڙو نئو ڪيل آهي؟

ڏناداس وراڻي ڏني ته "گرو جن جي آگيا اهڙي طرح آهي. جڏهن آءُ توکي ڇوان نئن ڪندي وڃ. منتر جيڪي توکي ڇوڻا آهن سي دليءَ ۾ چؤ".

اندراڻي وراڻي ڪانه ڏني، پٽس هٿ کان وٺي انهيءَ جاءِ ۾ نيس جا ويانهن لاءِ سنباهي ويئي هئي.

اني اچڻ مهل جي اکيون پٽيلون هجنس ها ته ڏسي ها ته جيڪو سنڌس پتار ٿيڻو هو تنهنجون ڀ اکيون ٻڌيون پيون آهن. الي گروءَ، آچارج ۽ نيمگر جي پٺيءَ ڏاران بيو ڪوبه ماڻهو ڪونه هو. گهوٽ ڪنوار ٻنهي جون اکيون ٻڌيون پيون هيون، جنهنڪري ويانهن سنسڪار پوري ٿيڻ کان پوءِ جو ٻهرياءِ هنن جو هڪٻئي جي منهن ڏسڻ جو سوڻ ٿيندو آهي سو ڪونه ٿيو.

سنسڪار پوري ٿيڻ پڄاڻا گرو ديو گهوٽ ڪنوار کي هن ريت چيو:- "توهين هڪ ٻئي سان پرڻيا آهيو، پر هڪ ٻئي کي ڏنو ڪين اٿو. هن سنسڪار جو پريو جن رڳو هي آهي، ته هيڏي عمر تائين ڪنواري رهڻ ڪري وهي وڃائڻ جو ڪلنڪ جو ڪنوار ٿي رهي تو تنهنڪان

مهني جي شڪل پڪش جي پنجين تٿ ۽ ٻارهين ڏهڙي آهي. اڄ کان وٽي پنجين ورهه جي انهيءَ ساڳيءَ لٺ ۽ گهڙيءَ سوڌو هِمن مندڀن جي جهل وڏي اٿماڻ، سو جي هيءَ ٻاري آگيا ٽوڙيندؤ ته توهانکي ڀيانڪ آپدائون اچي ڪڙڪنديون.

هن ابديش کان پوءِ انندسوامي رمندو رهيو. پوءِ ڌناداس پنهنجي ڌيءَ جي اکين تان ڪپڙو کوليو. اندراڻي هيڏي هوڏي نهاريو ۽ ڏٺائين ته ڪوٺيءَ ۾ پڻس ۽ آچارج ڌاران ٻيو ڪوبه ماڻهو ڪونهي. سندس پتي ڪاڏي الوپ ٿي ويو هو ۽ هن پرٿي رات هيڪلو گذاريو.

۴

ويانهن کان پوءِ ڌناداس پنهنجي استري ۽ ڌيءَ سميت پنهنجي گهر موٽي آيو. ٻيا چار ورهه گذري ويا. چندرڀان اڃا سوڌو ٻاهر هو، پر جي هو هميشه موٽي ها ته ٻيو اندراڻيءَ جو ڪهڙو ڪارج سري ها؟

اندراڻيءَ کان سندس ٻالپڻ جو سنگتي وڇڙي سچا سٺ ورهيه ٻاهر مسافريءَ ۾ رهيو هو، اُنهي ڳالهه جي ويچار ڪري سندس دل ٿي ننڍڙي ٿي. هن چيو ته آءٌ ڪهن وسهان، ته هو هيترا سارا ورهه جو نه موٽيو آهي سو رڳو انهي ڪري ته آءٌ نٿي وسرانس؟ ڪهڙي سڌ پوي ته هو جيئرو آهي يا مري ويو آهي. هاڻي جڏهين آءٌ ٻئي جي ٻليءَ ٻيٺي آهيان تڏهين آءٌ هنجي

منهن ڏسڻ جي چاهه ڪئن ڪريان؟ اڙي پر آءٌ اهڙي آس اُميد ڇو نه ڪريان، ته منهنجو ٻالپڻي جو سنگتي اڃان صحيح سلامت آهي؟

هن وقت سندس ٻيو پتا وياڪل ۽ دکي ڏسڻ ۾ آيو؛ نيٺ هو ڏاڍو نا چڱو ٿي پيو ۽ اُنهيءَ ناچاڳيءَ ۾ چلي رهيو. هنجي اِستري پٽ‌ءَ جي جهوريءَ ۾ پُران ٺياڳڻ جو ٻه ڪيو. اندرانيءَ جو سندس پيءُ ماءُ ڏاران پيو ڪو مٺ مائٽ ڪونه هو، تدهن اُکين ۾ پاڻي آڻي ماءُ کي گهڻو ٻاڏايو ته امان تون انهي ڳالهه تان لهي وڃ پر ڏناداس جي وڏوا پٽيءَ نه مڙي. انهيءَ ريت اندراني هن جڳتر ۾ هيڪلي رهجي ويئي ۽ پرميشور بنا سندس ٻيو ڪو اوهي واهي ڪونه رهيو. پُران ٺياڳڻ ڪان اڳي اندرانيءَ جي ماڻا ڏيءُ کي دلاسو ڏيئي هنجو من ٻرپايو. هنکي چيائين ”اَمڙ! توکي ڪهڙي چنتا آهي؟ توُن پُرنيل اِستري آهين. ڪهڙي ستي پوي ته مدت پوري ٿيڻ پڇاڻا تنهنجو پتار اچي توکي ملي. تون اڃا ننڍڙي نينگر ڪين آهين. پر وڏي ڳالهه هي آهي ته هن جڳتر ۾ جو سيٺي ڪان وڏو سهاڳ ڏن آهي سو تو وٽ جهجهو آهي. پٽهي تنهنجي ڪاڄ پورو ٻلو ڪري ويو آهي.“

هاءِ! ويچاري وسوڙل وڏوا. انهيءَ ڳالهه ۾ هوءَ ڪيترو نه پليل هئي. ڏناداس جي چالاڪي ڪان پوءِ پڇا

ڳاڇا ڪرڻ سان خبر پيئي تہ جيڪو سندس ميڙيل چونڊيل ڌن هو سو سڀ اُڏامي ويو هو. ڏيڻس ڪاڻ باقي رڳو سندس مٽيا، گهر ۽ سامان اسباب وڃي رهيا ها، ٻيو تيو پلو. ڏسڻ ۾ آيو تہ. ڪيترن ورهين لاڪر ڌناداس کي سندس ڌنڌي ۾ ڇيهي پٺيان ڇيهو پئي پيو ۽ هنکي جا پيٽ ڏيڻي هئي تنهنجي هن ڪنهن سان ٻاق ۾ ٻاهر نہ ڪيڏي هئي ۽ جيسين هو جيئرو هو تيسين انهن گهاڻن پرڻ جا ماٺ ميٺ ۾ پئي حيلا حوالا ڪياءِ. ٻچاڙيءَ ۾ پنهنجي گمايل پونجي جي وري ملڻ جي آس لاهي ويٺو هو، هنجي ناچگائي ۽ مرتيو جو ڪارڻ ئي چنتا ۽ ڌنڌي جي وياڪلتا هئي.

جڏهن هن نياڳي واپاري جي ڪارخاني ڪنهڻ جي خبر چوڌاري پکڙجي ويئي، تڏهين لهڻي وارن اچي اندراني کي پيڙيو تہ اسانکي پيءُ جو قرض ڏي. پڇا ڳاڇا ۽ جاچ ڄوچ کان هنکي سڌ پيئي، تہ هنن جون دعوائون سچون آهن. پڻس سچو واپاري هو ۽ هوءَ پنهن جي پيءُ جي ڌيءَ هئي؛ تنهن ڇا ڪيو جو پنهنجا مٽيا وڪڻي پيءُ جو قرض ڪوڏي دمڙيءَ سوڌو لاٿائين ۽ پنهنجي پيءُ جي نالي کي ٽڪي لڳڻ کان بچائي ورتائين.

گهر ٽڙ وسلا واڙي پڻس جي قرض ۾ ڳري ويا. تنهنڪري هوءَ غريب نينگر اهڙي سچي سڪڻي ٿي

Gul Hayat Institute

پيئي، جو شهر جي ٻاهران هڪڙي ننڍڙي جهوپڙي پاڙي ڪري، پس پڙدي سڄ ۾ وچ-ي رهي؛ هاڻي هنڪي نہ آسرو رڳو پنهنجي گروءَ آنند سوامي جو هو. ٻاڳن ڪي هو وري انهيوقت ٻري پرڏيهہ ۾ وڃي نڪتو هو، ۽ اهڙو ڪو ماڻهو ڪونہ هو جو هنڪي هوءَ پنهنجي سڄڻ ۽ سنڀاليندڙ ڏئي مو ڪلي پنهنجن ڏکن ۽ آپدائن جي سڌ سماءُ ڏئي.

٥

اندراڻي سندر جوان استري هئي. هوءَ هيڪلي گهر ۾ سڀهي پيئي هجي سا ڳالهہ سهڻي نہ هئي انهيءَ ۾ نہ رڳو جوکو هو، پر ماڻهن ۾ نندا ٿيڻ جو انديشو هو. الي پرسان املا نالي هڪڙي ڏوڏي جي ڌيءُ رهندي هئي. هوءَ وڌوا هئي ۽ هڪڙو هوس ٽڪن لي پت ۽ ٻيون هيس ننڍيون ڌيئر. هن جي جوين اوستا لنگهي ويئي هئي، انهڪري اهڙي سونهن شبيهہ ڪانہ هيس، پر چال چلگت سٺي ۽ سوڌي هجڻ جي سندس هاڪ هئي. انهيءَ ڪري اندراڻي راتجو هن جي گهر ۾ وڃي رهندي هئي.

هڪڙي ڏينهن سنجها ويل جڏهن اندراڻي هن ننڍين ساهيڙيءَ جي گهر آئي تڏهين املا چيس تہ مون اڄ هڪڙي خبر ٻڌي آهي. ماڻهو چونتا تہ چندرپان اڻن ورهين ڪان پوءِ موٽي گهر آيو آهي. هن اوچتي خبر ٻڌڻ ڪري اندراڻيءَ منهن ڦيراڻي ڪئي ٻئي پاسي ڪيو تہ املا سندس اکين مان لڙڪ وهندڙ ڏسي نہ وٺي. هنڪي

Gul Hayat Institute

ائين ٻڌي پاسيو نه ڇڱتر سان جيڪو سندس ٻاقي لڱ لاڳاپو هو سو ٻه هاٽي ٽٽو. چندرياڻ دل ڏاڍي ڪئي ٿي ڏسجي جو مونکي وساريو اٿس، نه جيڪر ڇو موني اچي ها؟ ٻڌي ليکي چندرياڻ مونکي ياد ڪري ته مون ڇا، وساري نه مون ڇا؟ سچ، پر جنهنجي پريت سندس سچي حياتي جي سونهن هئي، سو ڪيئن دليون لاهي ڇڏي، سا ڳالهه سهڻ جهڙي نه هئي. پوء وري ويچار آيس ته جيڪس مونکي نه ٻه وساريو هجيس. "پلا پنهنجو گهر ڇڏي ٻاهر ڪيترو رهندو؟ تنهن کان سواء پٽس گهر ڇهليو وينو هو سو ٻه ڇاي رهيو آهي تهنڪري گهر ۾ سندس هجڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي." وري دلم چيائين ته "آءُ ڇتولي آهيان نه ته آءُ پرديل استري چندرياڻ جي ٽانگهه تات ڇو ڪريان."

املا پڇو" ڇا لون ڇڻين ٿي ته چندرياڻ توڪي وسري ويو آهي؟ چندرياڻ سيٺ سندر داس جو پٽ ٿي چوانء."

اندراڻي وراڻي ڏني ته هو مونکي ياد آهي.

املا چيو ته چڱو، هو موني آيو آهي ۽ ڏن جا جهاز پري آيو آهي، ڏن ايترو نه آندو اٿس جو ڳڻڻ کان ٻاهر آهي، ماڻهو نه چون ٿا ته تملڪ ايترو ڏن اڳي ڪڏهين نه ڏٺو آهي جيترو هن آندو آهي.

اهو ٻڌي اندراڻيءَ جي دلم هڪ عجب طرح جي

ايرڪا جي چٽڪ اچي اُٿي. هنڪي پنهنجي ڪنگالپڻي ۽ چندرين سان سنڌس پرڻي جي اڳين رات جي يادگيري اچي پيئي. اڻ هوند جو ڏک، سهڻ ٻہ ڏاڍو ڪٺن آهي ۽ جي هن سان وياهہ ڪن ٿئيس ها تہ اُهو ڳاٽائي ڪان ٻاهر ڏن، جنهن جي املا ڳالهہ ڪيس سو سيءُ سنڌس ٿئي ها. اهڙيون ڪي ٿوريون استريون هونديون جي هاڻوڪي ڪنگالپڻي ۽ پوءِ جيڪا حالت ٿئي ها، لهنجو خيال نہ ڪنديون. ٿوري دير تاءِ اندراڻي نيءُ ٻہ پنهنجي ويٺي. پوءِ ڳالهہ ڦيرائي وري ٻيون ڳالهيون ڪرڻ لڳي. پوءِ نيٺ جڏهين هو وڃي ٿي سمهيون تڏهين اوچتو هوءَ پڇڻ لڳي "املا، هو جوان واپاري پرڻيو آهي ڪٿي"؟

املا وراڻي ڏني "نہ، هو پرڻيل ڪين آهي."

اندراڻيءَ جي اندر ۾ چڻڪرا ڪنڊرا اچي ٿي ۽ ڪن تاءِ هوءَ ويچار ۾ پئي، پر نہ ورنيڪ. ٻيا سوال ڪين پڇاءِ ۽ ائين ماٺ ڪري وڃي سمهي رهي.

٦

ڪجهہ وقت نبريو پوءِ املا اندراڻيءَ وٽ آئي ۽ سرهو منهن ڪري چوڻ لڳي ڀاڳن ڀري جوولي مائي، هاڻي تنهنجي چال چلگت ڪي ڇا سمجهي؟

اندراڻيءَ پڇيو ڇو؟ ڇڙ هاڻي آءٌ ڇا ٿي ڪريان جو لون منهنجا لڇڻ ٿي ويچارين؟

هيترا ڏينهن مون سان ڳالهه ڇو نه ٿي ڪيءِ؟
ڪهڙي ڳالهه ڪريانءِ؟

نه تنهنجي چندرياڻ سيٺ سان اهڙي گهري پريت آهي؟

اندراڻي جو اهي ڳالهه ٻڌڻ ڪان لڄ جي ڪري منهن ڦولجي ويو. پوءِ چيائين ته آءٌ جڏهن ٻار هيس تڏهين تنهنجا پاڙيسري هوا؛ ٻي ڪهڙي ڳالهه آهي جا مون لڪائي آهي؟

ٻس رڳو پاڙيسري هوا؟ هيڏي نهار ته مون ڇا آندو آهي؟ انهن چئي اها هڪڙي صندوق آڻي اُلي ڌري، پوءِ اها کوليندي هڪڙو اچرج ڪري ڏيکاريائين؛ هڪڙو هيرن جو هار جو انمان ڪديائين، سو هڪڙو هو تمام سندر ۽ ٻيو هو تمام قيمتي. صراف جي ڌيءَ جواهرن جي پارکو هئي. اسچرج ۾ پئي هوءِ چوڻ لڳي مار! هي ته بادشاه جي اُتاري جو ملهه لهي. ٻڌاءِ ته آندو ڪٿان اٿئي؟

”چندرياڻ توکي موڪليو آهي. هن جو ٻڌو ته تون منهنجي گهر ۾ ٿي رهين، سو هن مونکي سڏايو ۽ چيائين ته هي هار وڃي ڏينس.“

اندراڻي دم ساعت ويچار ۾ پئجي ويئي. هن سمجهو ته جي اهڙو شاهي ڏاڻ قبول ڪندس، ته گهرج جي ڏپ کان ڇٽي پوندس. وڏي ڏناد واپاريءَ جي

Gul Hayat Institute

سگهندي ڏيءُ، جا ساري عمر پٽ پٺيهر پهرڻ ۽ سوادي ڀوڄن کائڻ لئي هريل هئي، تنهن هيمڻو بک جون ٻاٽون ڀٽي ڪاڏيون. دم ساعت ٻہ چپ ٿي، پوءِ نيٺ ٽِڏو ساھ ڀري چوڻ لڳي ”املا هي موٽائي ڪٺي وڃي شاهوڪار کي ڏي: چئينس تہ آءٌ هي انگيڪار ڪري نٿي سگهان“.

املا لپرس ۾ پئجي ويئي. واڪو ڪري چوڻ لڳي هي چئين ڇا ٿي؟ متيون موڙهيون اٿئي، ڪين آءٌ جيڪي چوان ٿي تنهن تي ويسھ نٿو اچيئي؟

اندرانيءَ ڪوملتا سان وراڻي ڏني ”پياري، تون جيڪي چئين ٿي سو سڀ آءٌ وسهان ٿي ۽ منهنجون متيون ڪين منجهيون آهن ۽ پر آءٌ اهو ڏاڻ انگيڪار ڪري نٿي سگهان.“

املا ساڻس گهڻي مٿا ڪٽ ڪئي، پر وريو ڪين. اندراني هڪ ڳالھ تي ٽنگي بيٺي، هن گهڻوئي ٻاڏايس پر هي پٺيءَ نہ مڙي. نيٺ املا ڇا ڪيو جو اهو هار ڪٺي وڃي نگر جي راجا مدن ديو کي ڏنائين. راجا کي ڏنڊوت ڪري چيائين ”سائين پلائي ڪري هي هار قبول ڪريو. اهڙي درلڀ وستوءَ جي رکڻ جوڳ، سائين ٻنان ٻيو ڪو ڪونهي.“ راجا هار قبول ڪيو ۽ املا کي جهجهو انعام ڏنائين. اندرانيءَ کي هن ڳالھ جي ڪابہ سڌ ڪانہ رهي.

ٽن ڏينهن کان پوءِ چندرپال جي هڪ داسي اندرائيءَ وٽ آئي، ۽ اچي چيائينس ته موکي ڏيئم موڪليو آهي توکي چوڻ لاءِ، ته تون جو هن ڪکائين جھوپڙيءَ ۾ رهين ٿي سا ڳالهه هن کان سٺي نٿي وڃي. تون هن جي ننڍي هوندي جي سنگتياڻي آهين. تنهنجي پتا جو گهر هن کي پنهنجي گهر سمان آهي. هو پنهنجي گهر ۾ رهڻ لاءِ توکي چئي نٿو سگهي، پر هن پڪي جو گهر سندس لهڻي وارن کان مله ڳڏو آهي، ۽ هن جي مرضي آهي ته اهو توکي ڏئي. پنهنجو پراڻو گهر هن کان قبول ڪندينءَ ته هو تنهنجي ڀلائي چاهيندو ۽ ڏاڍو پرسن ٿيندو.

ڪنڪالپٽي جي ڏکن مان سيني کان ڪٺن دک جنهن هن جي دل تي گهاءُ ڪيو هو، سو هو سندس بالپڻي جي گهر کان وڇوڙي جو دک. جنهن پياري گهر ۾ هن ٻاراڻي اوستا ۾ آنند ڀوڳي هئي، جنهن هن جي پيءُ ماءُ سکيا سهڻا ڏينهن گذاريا ها، ۽ جنهن هن جو چالاڻو ٿيو ڏٺو هواءِ، تنهن ۾ هوءِ پنهنجا ڏينهن نه ڪاٽي، انهي خيال ڏاڍو پريشان ڪيو هوس. رڳو ڪو سندس اباڻي گهر جو تالو ونڊو هو ته اکين ۾ پاڻي اچي ويندو هوس.

هن شاهوڪار جي نوڪرياڻيءَ جا ٿورا مڃيا ۽ هن کي آسيس ڪياءِ. پوءِ چياءِ ”آءٌ سمجهانٿي ته مون کي اها

بخشيش قبول ڪرڻ نه گهرجي پر پنهنجن وڏن جي گهر ۾ موٽي وڃڻ جي جا سگهه اٿم تنهنڪري روڪي به نٿي سگهان. شال تنهنجو ڌڻي سداءِ ڀاڳوارو ۽ سکيو ستهنجو هجي!"

اها داسي نمسڪار ڪري هلي ويئي. املا اتهي وچ ۾ اچي حاضر ٿي. اندراڻيءَ هنکي چيو ته ڀلي اڪيلي آءٌ رهي ڪين سگهنديس، توکي مونسان گڏ هلي رهڻ کپي.

املا اها ڳالهه مڃي ۽ اندراڻيءَ سان گڏجي وڃي ته ناداس جي پراڻي گهر ۾ ٽڪي. تنهنڪانپوءِ اندراڻيءَ املا کي جهلي ڇڏيو ته اڳتي چندرڀان جي گهر نه ويندي ڪر ۽ چيائينس ته "اها منهنجي ڳالهه دل تي رکج."

پنهنجي گهر ۾ اچي رهڻ کانپوءِ اندراڻيءَ کي هڪڙيءَ ڳالهه ڏاڍو مونجهايو هو. هڪڙي ڏينهن املا کيس چيو ته ڏوڪڙ پئسي بابت تون ڪو الڪو نه ڪر، ۽ ٽڪي اٽي لاءِ ڪو ڏک ڏاڍو ڪر. مونکي راڄا جي محلات ۾ ڪم مليو آهي تنهنڪري ڏوڪڙ پئسي جي ڪمي ڪانه رهندي. آءٌ ڀاڻيهنجي گهر بيٺي هلائيندس، پر توکي سداءِ ڏاڍي ڪري پائيندس ۽ آءٌ نوڪرياڻيءَ وانگر ٿي رهنديس. سچ پچ هن ڏٺو ته املا پئسا خوب بيٺي خرچي، تنهنڪري هنکي هر ڪر اچي ٿي ۽ دل ۾ ڏاڍو شڪ اچي جاڳيس.

٧

هاڻي نيڻ اندراڻيءَ جي ٻرٽي کي پنج ورهه اچي

ڀورا ٿيا ۽ آڪاڙ مهني جي سهائي پکش جي پڏڄين ٽٽ اچي پهتي. اُنهي ڳالهه جي سمڪ ايندي جڏهن سنڌيا جو ويلو ٿيو تڏهن هوءَ ويچار ۾ ٻُڏي ويئي. دل ۾ چوڻ لڳي ته گروءَ جي آڳيا پرماڻي سياڻي آءٌ منڊي ڪڏهن پايان ته چاهي. پر پايان ڇو؟ اُنهان ڪارج ڪهڙو سرندو؟ منڊي پائڻ ڪري جيڪس پتيءَ کي لهنديس. پر منهنجي دل هنڪي لهڻ چاهي ٿي ڇا؟ ٻئي جي مورت الائجي ڇاڪاڻ سداءِ منهنجي دل ۾ چٽي پيئي آهي؟ منهنجو ڪرلب آهي ته آءٌ پنهنجي منڊي من کي سيڪت ڏيان ۽ سمجهايان. ائين نه ڪنديس ته ڪڏهن گهائي پاپ ۾ وڃي ڪرنديس. انهيءَ مهل املا اچي ۽ منهن ڪري سهڪندي اچي آئي.

هن واڪو ڪري چيو ”هان ڏسي ڪو هي تماشو آءٌ نه سمجهي ٿي سگهان ته هي آهي ڇا؟ اڄ الائجي ڇا ٻڌو آهي.“

اندرانيءَ پڇيو آهي ڇا؟

چاهي، نوڪرن ۽ نوڪرياڻين جو سڄو ڪٽنڪ اچي لٿو آهي. ٻالڪي وٺي آيا آهن لوڪي راجا جي محلات ۾ چاڙهي وڃڻ لاءِ.

مورک، ڇئين ڇا ٿي؟ لنهنجي مت ڪٿي آهي ڇا؟ مولکي راجا جي محلات ڏي ڇو وٺي ويندا؟ راجا جي محلات سان منهنجو ڪهڙو پريوجن آهي؟

ايتري ۾ راجا جي هڪڙيءَ نوڪرياڻيءَ الـي اچي منهن ڪڍيو، ۽ نمسڪار ڪري چياءِ مائي، مونکي راجا سائين جو حڪم آهي، شل پرميشور ديرگهه آيُو ڏنيس، چرن جيو رهي، ته اندراڻي ديوي کي هڪدم محلات ۾ وٺي اچو.

اندراڻي حيرت ۾ پئجي ويئي پر وڃڻ کان انڪار ڪري نه سگهي. ڀلا راجا جي آگيا ڪير ڀنگ ڪري؟ لنهنڪان سواءِ راجا مدن ديو جي محلات ۾ وڃڻ کان ڊپ ڪرڻ لاءِ ڪو سبب ڪونه هوس. راجا ديا ۽ پن جي لاءِ هاڪارو هو. هو نه رڳو پاڻ پن وان ۽ ڌرمشت هو پر سندس ڏهڪاءُ اهڙو هو جو مجال جو سندس محلات ۾ ڪو ڪٿي ڪنهين استريءَ سان اهنج ايذاءَ ڪري يا ڪنهنکي ڏکوئي.

اندراڻيءَ املا کي چيو "ته آءٌ راجا کي نمسڪار ڪرڻ لاءِ ٿي وڃان، تون ٻه مونسان گڏجي هل."

املا ساڻس وڃڻ ٻاسيو. سندس ڏياڻي پالڪيءَ ۾ چڙهي وڏي ناز سان اچي محلات ۾ لٿي. هڪڙي نوڪرياڻي راجا ڏي ڊوڙي ويئي ۽ وڃي ٻڌايائينس ته اندراڻي آئي آهي. ٻوءِ راجا جي آگيا ٻرماڻي هوءِ موٽي آئي ۽ اندراڻيءَ کي راجا وٽ وٺي ويئي.

املا ٻاهر ترسي ويهي پر ڏاڍي هر کر هيس.

Gul Hayat Institute

## ۸

اندراڻي راجا جي حالت ڇلت ڏسي پرسن ٿي. هو قد جو ڊگهو، سهڻو ۽ ناهوڪو مڙس هو. ڇاتي وڏي هيس ۽ ڏسڻ ۾ بهادر هو، هنجو نرار اوچو، اکيون وڏيون ۽ لکيون ۽ هنجي چال چلگت ماناٿتي هئي. سترواري استريءَ کي اهڙو ناهوڪو ۽ من موهڻو پرش سداءِ ڏسڻ ۾ نٿو اچي؛ ۽ راجا به سمجهو ته شاهي محلاتن ۾ به هن شاهوڪار جي ڌيءَ جهڙيون سندر اپسرائون سداءِ نٿيون ڏسجن.

راجا پڇيو ته ”اندراڻي هي آهي؟“

اندراڻي ورندي ڏني ”مهاراج توهان جي داسي آءٌ آهيان.“

راجا چيو ”هاڻي ٻڌ ته مون لوڪي ڇو گهرايو آهي. لوڪي پرڻي راس جي يادگيري آهي؟“

اندراڻي وراڻي ڏني هائو مهاراج يادگيري اٿم.

اُنهي راس آنند سوامي جيڪا منڊي لوڪي ڏني هئي سا تو وٽ آهي؟

مهاراج، اها منڊي اُجا مونوٽ آهي. پر اهي ڪجهون ٽالهيون آهن سي سائين جن جي ڪن ڪٽي پيون؟

انهيءَ سوال جي جواب بدران راجا چيو، تنهنجي منڊي آهي ڪٿي؛ مونکي اها ڏيکار ته سهي.

اندراڻيءَ وراڻي ڏني ته ”منڊي منهنجي گهر آهي؛

هيءَ ڳالهه آندي اٿم، پنجن ورهين جي ٻوراڻيءَ ۾ اجا هڪ وڳي ڪن جي دير آهي. سوامي جن جا جهل وڏي آهي ته مندي ته پانچ سا موتڪي ميٺي آهي."

سو ته چڱو، اڌند سواميءَ جا مندي لهڻجي پٺيءَ کي وکڻ ڪاڻ ڏني. هتي سا لون سڃاڻي سگهنديون؟

ٻئي مندٻون سڌ پڌ هڪجهڙيون هيون. هنجي هڪجهڙائي ڪري آءٌ ٻي مندي واه جو سڃاڻي سگهنديس.

انهي تي، راڄا نوڪر ياڻيءَ کي اشارو ڪيو سا جهٽ هڪڙي ننڍڙي صندوق ڪٺي آئي. راڄا انهي مان مندي ڪڍي اندراڻيءَ کي ڏني ۽ چيائينس "ڏس، اِها مندي آهي؟"

اندراڻيءَ ڏٺي ٿي آها چتائي ڏني ۽ چياءِ:-

مهاراج، هي سچ مهنجي پتار جي مندي آهي. پر سائين هن کي اها هٿ ڪٿان آئي؟

Gul Hayat Institute

وري ٿورو ويچار ڪري چوڻ لڳي "مهاراج، هنجي ڏسڻ کان آءٌ چاڻانتي ته آءٌ وڌوا آهيان. مهنجي سواميءَ جو مرليو ٿيو هوندو، لڌهين هيءَ مندي لوهانکي هٿ آئي هوندي ڇاڪاڻ جو اهڙا آڪاسي ڦل راڄائن جي پليءَ پوندا آهن. توهين هن نگر جا راڄا آهيو لهڻڪري اوهانکي هٿ لڳي هوندي، نه ته مهنجو پتي ڪڏاچت اها هٿان نه ڇڏي ها."

راجا کلي ڏنو ۽ چياءِ ”ديوي آءٌ توکي ٻڪ ٽو چوان ته لون وڏوا نه آهين.“

”جي ائين نه آهي ته تڏهين منهنجو پتار مونکان ٻه وڏيڪ ڪنگال ٿي ويو هوندو ۽ هن ٻڪ جي چڪ کان اها ڪمهڪي وڪٽي هوندي.“

”نه نه، تنهنجو سوامي وڏو ڌنونت پرش آهي.“

”تڏهين پاڻجي تو نه سائينءَ اها منڊي منهنجي پٽيءَ کان ڏاڍي نگيءَ سان ورتي آهي.“

هنجو اهڙو اپنگو ڳالهائڻ ٻڌي راجا کي لپرس وٺي ويو. هن چيو، ”تون ڪا ڏاڍي اتاولي ناري ٿي ڏسجين! اڄ ڏينهن سوڌو راجا مدن ديولي ڦر، ٻيا نگيءَ جو ڏوه ڪنهين ڪونه رکيو آهي!“

”پلا، تڏهين اها منڊي مهاراج جن کي ڪٿان هٿ آئي؟“

”لوهاڻي پرٽي راٽ اها اندر سوامي پاڻ منهنجي آگر ۾ پالي، نه بيو وري ڇا!“

هي ٻڌي اندرانيءَ لڄائجي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. پوءِ چياءِ ”مهاراج! ٻنهنجي داسيءَ جو اپراڌ ڪميا ڪجو. آءٌ موڪ آهيان ۽ اهو ڏوه مون کان اڻڄاڻائيءَ ڪري ٿيو آهي.“

٩

اندرانيءَ کي ڏاڍو عجب لڳو، جڏهين ٻڌائين ته آءٌ

Gul Hayat Institute

اهڙي اوچ ٻڌوڻ واري پرش جي استري ٿي آهيان. پر انهيءَ ڪري هنڪي اڪوا يمان ٿيو ۽ نڪا خوشي ٿي. اٽلندو هو اُداس ٿي. هن وچار ڪيو ته هيترا ڏيهاڙا چندريان کان وڇڙي ٿيا اٿم، پر آءٌ وري ٻئي ڪنهن سان ڪين پرڻي آهيان. اڄ کان ٿي وٺي مونکي آڀرلپر جي ويانهن جو سور جاڳيو. تنهن ڪانسواءِ دل ڪري ته آءٌ چندريان جي استري آهيان ۽ منهنجي دل جڏهين ٻئي سان اڙيل آهي. تڏهين آءٌ اهڙي وڏي ماڻهوءَ جي استري ٿي ڪري، هي. جي گهر کي ڪئن ڏڪو لائيندي يس؟

هن جي دل اهڙن خيالن ۾ رڌل هئي ته راجا چيس:-

”اندراڻي توں منهنجي استري ٿي چڪي آهين، پر آءٌ توکي پاڻ وٽ رکان، تنهن کان اڳ منهنجا ڪي سوال آهن، تن جا پلاٿي ڪري مونکي جواب ڏي. پهرياءِ ته مونکي ٻڌاءِ ته توں جو چندريان جي گهر ۾ ٻنا مسواڙ رهين ٿي سو ڪهڙي ليکي؟“

اندراڻي لڄي ٿي منهن هيٺ ڪري ويهي رهي. وري راجا پڇيس ”تنهنجي نوڪرياڻي املا جو هر گهڙي چندريان جي گهر ويٺي اچي وڃي سو ڇو؟“

اندراڻي اهو سوال ٻڌي هيڪاري وڌيڪ ڦڪي ٿي ۽ منهن هارجي ويس. دل ۾ چوٽ لڳي ته راجا سرو

چاڻڻهار آهي ڇا؟

راجا وري چيو ته وڏي ڳالهه اها ٻي آهي. ٻرڻيل استري تي، تو جو اهڙو قيمتي هيرن جو هار چندرياڻن کان ورتو، سو موکي ٻڌاءِ ڪهڙي حساب؟

انهي تي اندراڻي دل جهلي وراڻي ڏني :-

"مهاراج! ٻهرياءِ مون توهانکي سرو گياني ڀائيون هو ٻر آءٌ ڀلي هيس؛ هاڻي آءٌ سمجهان ٿي ته توهين سرو گياني ڪين آهيو. مون اهو هار چندرياڻن کي موٽائي ڪين ڏنو هو؟"

"ڪيئن تو چوي ته تو موٽائي ڏنو هو؟ تو موڪي وکيو ڪين هو؟ اِجهو هي، هار آهي." ائين چئي راجا صندوق مان هار ڪڍيو؛ هنکي ڏيکاريائين. هن هار جهٽ سڃاڻي ورتو؛ ڏاڍي حيران ٿي؛ ٻوءِ چوڻ لڳي :-

مهاراج ڪرپا ڪري ٻڌايو ته سهي ته هار وڪڻڻ لاءِ توهان وٽ آءٌ ٻاڻ ڪٿي آئي هيس ڪڏهن؟

"نه، تنهنجي نوڪرياڻي امِلا مون وٽ ڪٿي آئي هئي. هنکي ٺهرايان؟"

اندراڻيءَ کي منيان لڳي، ٻر هننءَ هڪڙو ڇڱو خيال دل ۾ تري آيس، تنهنتي مرڪي ائين آسرت چوڻ لڳي :-

"مهاراج، آءٌ ٻنهنجو ڏوهه ٻاسيان ٿي. امِلا کي

گھرائڻ جو ضرورئي ڪونھي . آءٌ ڇھان ٿي تہ مون ھار توھانکي وڪڻيو."

انھي تي وري راجا کي ڀڻڪرس لڳو. ھن چيو:-

"استرين جو ڀيد ڪنھنجي سمجھڻ جو نہ آھي . تون ٻرنيل استري ، پوءِ تو چندريان کان اھڙي قيمتي بخشش وٺڻ ڪئن قبولي ؟"

"ھنجي مونسان ڏاڍي دل ھئي تنھنڪري ھنجي پيار جي نشاني ڪري ورتم." راجا اھا وراڻي ٻڌي ھيڪاري وسمئي ۾ پئجي ويو. "ھي ڇئي ڇا پئي ؟ ھن سان ڪھڙي ريت جو پيار ھوءِ؟"

"مھاراج ، جي سچ ڪري پڇو تہ آءٌ ڏاڍي ٻڇڙي آھيان. آءٌ توھانجي استري ٿيڻ جي لائق نہ آھيان. آءٌ توھانکي امسڪار ٿي ڪريان. مونکي موڪل ڏيو تہ وڃان. توھين مونسان ٻرڻجڻ جي ڳالھ ڀلائي ڪري وساري ڇڏيو."

اندراڻي نمي پرنام ڪيو ۽ وڃڻ ۾ ھئي تہ راجا جو موڙھل منھن سرھائيءَ سان ٻھڪڻ ۽ مرڪڻ لڳو. ھن ڏاڍيان کلي ڏنو.

اندراڻي منھن ڦيرائي ڏانھس ڪيو.

ھن واڪو ڪري چيو "اندراڻي تون مون کان بازي کڻي ويئي آھين. مون ھار مڃي. تون ٻڇڙي نہ آھين ۽ نڪي آءٌ تنھنجو ڀتار آھيان! سو تون اُٻھري نہ ٿيءُ ؛

وڃ نه."

مهاراج، ڪرپا ڪري پنهنجي داسيءَ کي ٻڌايو نه، ته هي سارو ڏنڊ آهي ڪنهن؟ آءٌ غريب استري آهيان، مونکي اها ڳالهه وسهڻ ۾ نٿي اچي ته اوهان جهڙو مهان پرش، ويهي مون جهڙي غريب داسيءَ سان چٿرون ڪندو."

راجا هيڪاري اچي ڪل ۾ پيو، پوءِ چوڻ لڳو "سندر ديوي، مون جهڙن وڏن ماڻهن کي اهڙين اڳم ڳالهين ڪرڻ مان مزو ايندو آهي. هاڻي ڀلا مونکي ٻڌاءِ ته ورهه ٿيا تڏهين تو پنهنجن ڳهڻن جي صندوق مان اڌ قائل ڪاڳر ٽڪر لڌو هو ڪين نه؟ اهو اڃان تو وٽ آهي ڪونهي؟"

"مهراج، توهين ٺيڪ سرو ڄاڻ هار ٿيا! اهو ڪاڳر ٽڪر اڃا مون وٽ ڏريو آهي" راجا چيو چڱو، تڏهين وري پالڪيءَ ۾ چڙهه، گهر وڃ ۽ اهو ڪاڳر ٽڪر ڪڍي آڻي ڏيمر. جڏهين اهو ڪڍي ايندينءَ تڏهين توکي آءٌ سيڪجهه ٻڌائيندس.

## ١٠

اندراڻي راجا جي آگيا پرماڻي پالڪيءَ ۾ چڙهي پنهنجي گهر موٽي آئي، ۽ جنهن ڪاڳر ٽڪر جي متي ڳالهه ڪئي اٿون، سو هٿ ڪري آڻي راجا کي ڏناءِ. راجا اهو ڪاڳر ٽڪر چڱي ريت چڪاسي ڏٺو، پوءِ

اُنهيءَ جهڙو ٻيو نڪر ڪڍيائين، ۽ اُهو اندرائيءَ کي ڏيئي ڇيائينس ته ٻئي نڪر ڪٽي ڳنڍ. هن جڏهين اهي ڳنڍيا تڏهين ڏٺائين ته انهن جون ٻئي ڪناريون پاڻ ۾ مليل آهن. پوءِ راجا چيس ته هاڻي پڙهي ڏس ته انهيءَ ڪپڙ تي ڇا لکيل آهي. اندرائي اهو لکيت هن ريت پڙهيو:-

"(گرهن جا چپڙ سان ڏسجي ٿو)،
ته لوهان جا رت ڪئي آهي سا اُٿي آهي
(اندرائيءَ جهڙي سوني مورت) کي ايڏي
وڏو واپٽي جي جوکي ۾ وجهڻ نه گهرجي.
هنجي شادي پيانڪ اپدا آڻيندي.
مون گرهن کي جاچي ڏٺو آهي ته هوءَ ننڍي وهي ۾ وڌوا ٿيندي، ڇو ته جنهن ڪري ٻه جي استري پرش پنهنجن ورهن تائين هڪ ٻئي کي نه ڏسندا، ته پوءِ جيڪس آءٌ ڪو اُپاءُ ڏيئي سگهان، جنهن ڪري هو گرهن جي پرڀاءَ کان بچي وڃن.

جڏهين اندرائي هي ليک پڙهي رهي تڏهين راجا چيو، "هي ڪاڳر پڙهي کي اندر سوامي ڏنو هو".

اندرائيءَ چيو ته هاڻي مون ڳالهه کي پروڙيو آهي. هاڻي آءٌ سمجهان ٿي ته ويانهن مهل اسانجون اکيون ڇو ٻڌيون هيون، ڇو ويانهن سنسڪار اهڙي اچرج جهڙي ريت سان ۽ ڳجهه ڳوهه ۾ ٿيو هو ۽ پنهنجن ورهن سوڌو اسانکي مدٻين پاڻ جي جهل ڇو وڌي هوئون. انهيءَ

ٻر وڌو ويو هو. اها ته ٽوکي اڳيئي سڌ آهي ته انهن پنجن
ورهن جي اندر ٽون پنهنجي ور کي نه ڏسين تنهن لاءِ
ڪئن بندوبست رکيو ويو هو، ۽ انهيءَ سبب ڪري
وياهن سنسڪار جي وقت ٽوهان کي هڪ ٻئي جي
منهن ڏسڻ جي روڪ ٿي هئي."

"پر ٽوزن مهين کان اڳي ڪن اوچتين ڳالهين ٿيڻ
ڪري انهن سڀني سياڻپ ۽ هوشياري جي رٿن ۾ رولو
پئجي ويو. جڏهين ٽون مهن کان اڳي انند سوامي
لڪ ڇپ ۾ هت آيو هو، تڏهين تنهنجي ڪنگالپڻي
جو ٻڌي هنکي ڏاڍو ڏک ٿيو هو. ٽوکي سڌ ڪانه
پيئي پر هن ٽوکي ڏسي ورتو هو. هو مون وٽ آيو هو
۽ ٽوهانجي عجب طرح جي شادي ٿيڻ جو ورتانت
ڪري ٻڌايو هوائين. هن چيو ته جي اهڙي سڌ پوام ها
ته تنهنجا اهڙا برا حال ٿيڻا آهن، ته تنهنجي گذران لاءِ
اڳيئي ڪو جوڳو ٻندو ڪري ڇڏيان ها. تنهنجي سکي
رکڻ جو ڪم مونکي سونپي ويو هو ۽ چئي ويو هو ته
جيڪو خرچ پڪو ايندو سو منهنجي ذمي آهي. ٻيو هن
ڳالهه بابت تاڪيد ڪري ويو هوم. مونکي ٻڌاءِ ته
تنهنجو ور هن نگر جو رهواسي آهي ۽ چيائين ته اهڙو
اُپاءُ ڪجو جو جنهن ڪري هنجو ٽوسان گڏجڻ ڪڏاچت
ٿئي سگهي. هو مونکي ٻڌائي ويو آهي ته تنهنجو پتي
ڪهڙو آهي. انهي وقت کان وٺي ٽوکي سکي سنهنجي

هن جڏهن مهل ائين چيو تڏهن مهل محلات جي اوچن ديوانخانن مان شادماني جي راڳ جو آواز اچڻ لڳو. راجا چيو "يارهن ٻجا لڳا آهن. تون ٻريکيا مان ڪٿي ٻار پيٺي آهين سا ڳالهه آءُ توکي پوءِ ڏسيندس- هاڻي تنهنجو سوامي آيو آهي تون هنجو منهن ڏسين تنهنلاءِ هي شڀ مهورت آهي."

راجا جي مک مان اڃا اهي لفظ نڪتا ته اندرانيءَ جي پنيان جو در هو سو کلي پيو ۽ هڪڙو ٻڍڙو سهڻو مڙس مانڊ مانڊ ڪري اندر گهڙي آيو.

راجا چيو "اندراني، آءُ ته هاڻي آءُ توکي تنهنجي پتيءَ سان ملايان!"

اندرانيءَ مٿي نهاريو ۽ هنجي مٿي ڪي ڦيراٽي اچي ويئي ۽ خبر ڪانه ٿي پيس ته جاڳائتي يا سپنو ٿي لهان ڇو ته اندر جو ماٺهو گهڙي آيو سو هئو چندريان!

هو سياڻو جوڙو اهڙو وسمئي ۾ ٿيي ويو جو هڪڙي هند سڪ تي ٻيهي ويو، نه چري سگهي نه ڳالهائي سگهي؛ آنند جو ملين سو وسهڻ ۾ ئي نه پيو اچين.

راجا چيو ته هي پريتم، اندراني تنهنجي پريم ۾ مان جوڳي آهي، تنهنڪري جوڳي ٻيار ۽ چاهه سان گهر وٺي وڃيندس. اڄ ڏينهن سوڌو هنجو ٻرٻر توسان اهڙو گهرو ۽ اچل آهي جهڙو هميشه رهيو اٿس. مون رات ڏينهن هنجي خبرداري سان جاچنا پٺي ڪئي آهي، ۽ مونکي

Gul Hayat Institute

پر اندرانيءَ کي اڃا ٻہ پوري پوري دلجاءِ ڪين ٿي. هن چيو "مهاراج! باقي ڳالهہ جو سنسو اٿم سو ٻہ ڏيا ٻالي لاهيوم. جي چندريان لنڪا ۾ هو تہ پوءِ وري ويانهن مهل ڪاشيءَ ۾ ڪيئن آيو؟ ۽ جي هو ان وقت انهي پوتر استان ڏي اچي سگهيو هو تہ اسين سڀ انهي ڳالهہ کان بي خبر ڪيئن رهياسون؟"

راجا چيو "هان بس، ڳالهہ ٻہ ايتري؟ انهيءَ جي سمجهاڻي سنري آهي، اندر سوا۽ چندريان جي پيءُ اهڙو بندوبست ڪيو، جنهنڪري هو سڌو لنڪا کان ويو ڪاشيءَ. ويانهن سنسڪار پوري ٿيڻ شرط وري موٽي ويو لنڪا ڏي. وات لي گهر ڏي پنهنجي لڙيوئي ڪين. انهيءَ ريت هنجي اچڻ وڃڻ جي منهنجي نملڪ نگر جي لوڪن کي ڪائي ڪل نہ رهي."

الـي چندريان نيڙت سان نمسڪار ڪري چيـو "مهاراج! جيئن توهان اڄ منهنجي دل جي ياونا پوري ڪئي آهي، تيئن شال ڏياميءَ پرميشور توهانجي دل جي سڀ اڃا پوري ڪري! سائين جن جي سچي راج ۾ اج اوهانجي نماڻي داس چندريان جهڙو ٻيو ڪو ماڻهو سکي ڪون ليندو!"

# راڌا راڻي

هڪڙي هئي ننڍڙي نينگر جنهنجو نالو هو راڌا راڻي. مهيش جي ڳوٺ ۾ هئي جڳنناٿ جي رٿ ياترا. راڌا راڻيءَ کي چاهه ٿيو ته جاترا ڏسان سا ويئي انهي ڳوٺ ڏي. انهي وقت هنجي ڄمار يارهن ورهن جي مس هئي. هڪڙو وقت هو جڏهن هنجا مائٽ ڏاڍا آسودا ۽ هوندوارا ها، ۽ هنجو ڪٽنب انهي پاسي ڏاڍو ناميارو هو. پر جڏهين هنجو پيءُ مري ويو تڏهين هن جي سڳن مان هڪڙي ويجهي مائٽ ماڻس تي ملڪيت جي دعوي ڪئي. انهي ڪٽنب جي جيڪا به ملڪيت هئي تنهن سموري تي دعوي ٿي. راڌا راڻي جي ماءُ ڪلڪته جي هاءِ ڪورٽ ۾ دعوي هارائي. اڃا نبيرو ٿيو ته نه زردئي مدعي ڊڪري جي تعميل ڪرائي. راڌا راڻي ۽ ويچاري ماڻس کي پنهنجن وڏن جو گهر ڇڏڻو پيو. زمينون گهر ٺڙ جي ڏهين لکين ڪن جي ملڪيت ها، سي سڀ مدعي جي هٿ اچي ويا. باقي جيڪا روڪڙ هئي سا سموري دعوي جي خرچن ۾ پوري ٿي ويئي. راڌا راڻيءَ جي ماءُ پنهنجا ڳهه ڳنا ۽ ٻيو

Gul Hayat Institute

سامان سڙو وڪڻي لنڊن ۾ ٻروي ڪائونسل جي اڳيان اپيل ڪئي. تنهنڪري هُن ويچارين ابلائن جي گذران ڪاڻ ڪي بہ ڪين بچيو. وڏوا ويچاري ٽولاڪا ڪائيندي نيٺ ڪنب جي زميندار ي ۾ هڪڙي ننڍڙي جهوپڙي ۾ وڃي ٽڪو لڪايو ۽ هٿن جو پورهيو ڪري پيٽ پالنا ڪرڻ لڳي؛ پر پنهنجي نياڻيءَ جي ويانهن ڪاڻ ڏاج ڏيوڻ ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهي. پلا هئي "نہ باسي ٻڙي نہ ڪتا ڪائي"؛ پيٽ ڪان اوپلو ٽئي تہ ڏاج ڏيوڻ ڪي رکي. هو اڳئي پيٽ پالڻ ۾ حيران هيون، تہ ماءُ ناچگي ٿي ڪري پيئي ۽ پيٽ قوت ڪاڻ ڪمائي ڪرڻ کان رهجي ويئي. ماءُ ڏيُ پئي بکہ ۾ پاھ ٽيڻ جي ٻپ ۾ هيون. ناچگائيءَ جي ڪري ماءُ کي تہ ڪاڏو ڪين ٿي وڻيو، پر ڌيُ بہ لنگهڻ پئي ڪڍيو. چاڪاڻ جو ڪاڏي لاءِ ڪي هونئي ڪين. رت جاترا جي ڏينهن ماڻس جي اڳهائي وڌي وڃي ڇيهہ ڪيو ۽ دوا درمل ۽ ڪاڏي پيتي جي سنڀال جي ڳهرج هئي؛ هوءَ ويچاري ٻارڙي ڇا ڪري؟ ڪٿان آڻي دوا ۽ ڪٿان آڻي ڪاڏو پيتو؟

راڌا راڻي ويئي سا ڳوڙها ڳاڙيندي ڪي جهنگلي گل چوندي آئي ۽ انهن جا ويئي هار پوتائين. پانياڻين تہ رت جاترا جي ميلي ۾ وڪڻي جيڪي انهن مان ٻچار پئسا ٿين، تن سان گهربيل وستون وٺي ناچگي

ويٺي. هوء هنيون ڏايو ڪري پاڻ سنڀاليندي رڙهندي پٺي ويٺي ته هڪڙو ماڻهو اُناهون لانگهائو اچي ٿيو ۽ اوندهه جي ڪري هن ٻارڙي سان اچي لڳو. راڌا راڻي هيترو ڪشٽ ڀوڳيو ته به اندر ۾ سور پٺي پيتائين، ائين ڇتو ڪڏهين ڪين رنائين جو ٻين جي ڪن تائين پهچي. پر هينئر اچانڪ جو ڌڪو ٿيو، ٺهڪري هوء دل جهلي نه سگهي ۽ اچي رئڻ ۾ ڇٽڪي.

وات ويندڙ ٻاجهاري ٻوليءَ سان پڇو ته هي جو اوندهه ۾ ڪو ننڍڙو ماڻهو رئي ٿو سو ڪير آهي؟ جيترو ٺيڪ اهو ٿلهو ٻڙساٽو آواز هو پر هنيءَ ڪهل جا چنهه اهڙا ڇتا هئا جو ٻڌڻ سان هنجو رئڻ ۽ ڳوڙها ڳاڙڻ بس ٿي ويا. اُهو ڳالهائڻ ڪنهن اوپري ماڻهوءَ جو هو پر هن نيڳر پاڻمرادو پروڙي ورتو ته آهي ڪو ٻاجهارو ۽ دياوان ماڻهو. هن رئڻ بس ڪري چيو ته "اسين تمام غريب آهيون. امڙ ۽ آءٌ ٻه ڄڻيون آهيون؛ ٻيو اسانجو ڪوبه ڪونهي."

هن ماڻهوءَ پڇيو ته ننڍڙي نيڳر، تون هن مهل ڪاڏي ٿي کهندي وڃين؟

آءٌ ويٺي هيس رت ڇالرا ڏسڻ، هاٽي گهر ڏي موٽي آهيان پر مينهن واچ اچي ورايو اتم ٺهڪري وات ۾ منجهي پٺي آهيان.

Gul Hayat Institute

ڀلا ٻڌائيندم ته تنهنجو گهر ڪٿي آهي.

راڌا راڻي وراڻي ڏني ته اسين سري رامپور ۾ رهندا آهيون. هن ماڻهوءَ چيو اها چڱي ڳالهه ٿي؛ آءٌ پاڻ سري رامپور ٿو وڃان؛ تون مونسان گڏجي هل هلندي ۽ هل ۾ مونکي ٻڌاءِ ته ڳوٺ جي ڪهڙي پاسي رهندا آهيو ته آءٌ توکي سنڀالي گهر هلي پهچايان. مار! ڏس ته ڪهڙي نه لرڪڻ آهي! پنهنجو هٿ ڏيم ته ٻئي گڏيا هلون.

انهيءَ ريت ٻئي گڏيا هليا ٿي ويا. اوندهه ۾ راڌا راڻيءَ جو سنگتي ڏسي ڪين سگهيو ته نينگر ڪهڙي وهيءَ جي آهي ٻر هنجي ڳالهائڻ ۽ آواز مان هن سهي ڪيو ته هوءَ تمام ننڍڙي آهي. وچ وٽي پڇيائينس ته ڪٿي تون گهڻن ورهين جي آهين؟

آءٌ ڏهن ٻارهن ورهن جي آهيان.

تنهنجو نالو ڇا آهي؟

منهنجو نالو آهي راڌا

منهنجي پياري راڌا راڻي، ڀلائي ڪري ٻڌائيندم ته سهي ته ڌارئي ڳوٺ ۾ رات جالرا ڏسڻ ڪاڻ تو جيڏڙي ننڍڙي نينگر ڪي ڪاهي وڃڻ جي ڪهڙي گهرج اچي پيئي هئي. آءٌ نٿو ڀانيان ته انهيءَ ۾ ڪو تنهنجي سياڻپ ليکيندو. ائين ڌيري ڌيري پڇي پڇي ڪري ٻاجهاريءَ ريت ۽ خوش طبعيءَ سان ويس سوال

پڇندو ۽ هارن جي ڳالهہ ويس ڪولائيندو. هنجي جوابن مان ماڻس ڪاڻ پئسن ڪمائڻ ۾ جا نراسائي ٿي هيس سا بہ ڳالهہ کلي پيئي. هنکي سڌ پئجي ويئي تہ هوءَ جا مهيش جي ڳوٺ ويئي هئي سا سڄ پچ رت جا ٽرا ڏسڻ ڪاڻ ڪين ويئي هئي ؛ پر پنهنجي ناچگيءَ ماءُ ڪاڻ گهر ٻليون وسٽو ڳنهڻ لاءِ پنهنجا سادڙا هارڙا وڪڻڻ ويئي هئي. پر هار ڪين وڪاڻس ۽ هاڻي هوءَ اُهي هار چاڻيءَ ۾ لڪائي کڻيون پئي هلي.

هن چيو واهہ، هي ڏاڍي اچرج جهڙي ڳالهہ آهي ؛ مون پئي نهاريو تہ اهڙو ڪو هار مليم تہ پنهنجي گره ديوتا تي نيئي چاڙهيان. ميلو اهڙو اچانڪ ٻس ٿي ويو جو هار ڳنهڻ جو وجهئي ڪونہ مليم. تون مونکي پنهنجن هارن مان هڪ وڪڻدينءَ؟

اُهو ٻڌي راڌا راڻي ڏاڍي پرسن ٿي. پر هن سوچيو تہ جنهن ماڻهوءَ مونتي هيتري ٻاجهہ ۽ ڀلائي ڪئي آهي، تنهن کان هار جو ملهہ وٺڻ ٺهندو تہ ڪين. وري داڙهو ويچار آيس تہ جي ملهہ نہ وٺبو تہ منهنجي ويچاري ماءُ بکہ پيئي سجهندي. انهن ويچارن جي مونجهاري ۾ هڪڙو هار ڪڍي هن پنهنجي سنگتيءَ کي کڻي ڏنو.

هن چيو ”هن هار جو ملهہ چار ڏوڪڙ آهي. اجهو وٺ هي ڏوڪڙ“. ائين چوندي هنکي هٿ پئسا کڻي ڏناءِ.

Gul Hayat Institute

راڌا راڻي چيو ”هي پئسا ته نه آهن؛ پئسا ايڏا وڏا ته نه ٿيندا آهن. هي ته تمام وڏا آهن“.

”ٻالي ڀولي نينگر! ڏسين ڪين ٿي ته مون لوڪي رڳو ٻه ڏنا آهن؟ هو ٻ ٻل (ٻتا) پئسا آهن“.

پر اونداهي آهي تب هو ڏاڍو ٿا چلڪن سو ڇو؟ توهان کي پڪ آهي ته توهان ڀلجي رپيا ته نه ڏنا آهن؟ ڇا جا رپيا؟ نوان آهن تڏهن ٿا چلڪن.

راڌا راڻي چيو ”سڪ، جڏهن گهر پهچنداسون تڏهين آءٌ ڏيو ٻاري ڏسنديس، جي توهان ڀل ۾ رپيا ڏنا هوندا ته موٽائي ڏينديسانو. جيسين آءٌ ڏيو ٻاريان، تيسين توهانکي اُلي ترسڻو پوندو.“

ائين ڪندي جنهن جهوپڙيءَ ۾ راڌا راڻي جي ماءُ رهندي هئي تنهن وٽ اچي پهتا. نينگر هن ڌاري ماڻهوءَ کي چيو ”ڀلائي ڪري اوهين اندر اچو؛ تيسين اندر ترسو جيسين آءٌ ڏيو ٻاريان ۽ ڏسان ته اُهي رپيا آهن ڪين نه.“

هنجي سنگتي چيو ته ”آءٌ ٻاهر ٿو ترسان. تون اندر وڃ ۽ ٻهرياءَ اهي آلا ڪپڙا لاهي ٻيا ڪر ۽ ٻوءِ ڏئي ٻارڻ جي ڪر.“

راڌا راڻي ورندي ڏني ته ”ٻيا ڪپڙا آڻيان ڪٿان جي ڪريان؟ ٻي جيڪا ساڙهي اٿم سا ڌوٻيءَ وٽ

Gul Hayat Institute

آهي. آءٌ آلا ڪپڙا ڪري وهڻ ٿي هريل آهيان؛ انهي مان ھونکي جوکو ڪونه ٿو رسي. انهي دم نپوڙي پاڻي ڪڍي ٿي واڻکو ڪريان. هاڻي پلائي ڪري ٿورو ٿرسو ته آءٌ ڏيو باريان."

گهر ۾ تيل هوئي ڪونه؛ تنهنڪري نينگر ڇا ڪيو جو چڻ مان ڪکن مٺ ڀڃي ڪڍيائين ۽ چقمق هڻي انهن ڪکن کي باريائين؛ انهيءَ ۾ ڪجهه وقت لڳي ويو. سوجهري ٿي ڏٺو ته سندس هٿ ۾ برابر ٻه رپيا ها. راڌا راڻي کي اهو ڪکن جو مٺو ٻريل هٿ ميڻي هو ته هوءَ ٻاهر ڊوڙي نڪتي. هيڏي هوڏي نهاريائين پر هو ماڻهو ڪٿي هليو ويو هو.

راڌا راڻي نراس ٿي ۽ ڏايي هرکر ٿي پيس. هن سڀ ڳالهه ماءُ کي وڃي ٻڌائي ۽ سندس منهن ڏي نهاري چوڻ لڳي ته "هاڻي ڇا ڪريان؟"

ماڻس ورائي ڏني "ٻار، هاڻي ڇا ڪبو؟ آءٌ نٿي ڀانيان ته هن پئسا پل مان ڏنا آهن. شڪ نه آهي ته هو ڪو وڏي دل وارو ڏاتار مڙس ٿو ڏسجي. هن اسانجي ڳالهه ٻڌي آهي ۽ اسان لاءِ ڪهل ڪئي آهيس. ڌيءُ، نه ته ڪير ٿو ڪنهن کي ڏيڇي. اسين اڄ ڏيا ٻه وڃي ٻنڻ وهيٺا آهيون. اسانکي ڪوڙي لڄ ڦٽي ڪري هنجو اهو ڏاڻ وٺڻ گهرجي."

ماءُ ڌيءُ اڃا اهي ڳالهيون ٿي ڪيون ته ڪنهن

Gul Hayat Institute

اچي اوچتو در کڙڪايو، جنهن ڪري هو هيڪاري مونجهاري ۾ پئجي ويئون. راڌا راڻيءَ ڀانيون ته سندس سنگتي جيڪس پُٽس موٽائي وٺڻ ڪاڻ وري آيو آهي سا ڊوڙي ويئي در لاهڻ. پر ائين هو ٿي ڪين. هوءَ ڇا ڏسي ته ڳوٺ جو بزاز در تي بيٺو آهي؛ هنکي ڏسي وينر هراس ٿيس.

هن جي جهوپڙي بازار کان گهڻو پري ڪين هئي. بازار ۾ جي هٽ ها تن مان سيٺي کان ويجهو هو پدم لوچن بزاز جو هٽ. هنئر در تي جو بيٺو هو سو پنهن جي سر اهو بزاز هو جنهن کي سٺين نئين اڇيلن ساڻتي ٻور جي ساڙهين جو جوڙو هٿ ۾ هو. نينگر اچا باهر منهن ڪڍيو ته هن اُهو ساڙهين جو جوڙو ڪٺي هٿ ۾ ڏٺس،

بزاز چيو: ته هي راڌا راڻي ڪاڻ آهن.

راڌا راڻي چيو ته توهين پلا هوندؤ مهنجي ڪاڻ پلا هي ڪٿان هوندا! هن ويچاريءَ ڪي پدم لوچن جو اچڻ دل ڪري وڻيو ڪي نه وڻيو پر هن جو اهو سوال ڪيو تنهنڪري هو وسو ٿي ويو.

هن وراڻي ڏني ته مونکي ٻي ته سڌ ڪانهي پر هڪڙو بابو مونکي انهن ساڙهين جو ملهه ڏيئي چئي ويو ته توکي پهچائي ڏجن.

راڌا راڻيءَ واڪو ڪري چيو ”هي اُهو آهي،

Gul Hayat Institute

مونکي پڪ آهي ته هي اُهو آهي. هن اهو ڪپڙو ڳنڍو ۽ مون ڏي موڪليو آهي. پدم لوچن! تون ٻڌائيندم."

هي ڪتاب جڏهين هوند وارو ۽ سکيو ستاهجو هو ته ڏهاڪر هي پلو مانس ڪاٻڙي هٿن کي چاٽيندو سڃاڻندو هو. وڏن ڏينهن تي جڏهين هندو مٿن مائٽن ۽ نوڪرن چاڪرن کي ڪپڙا سوکڙي ڪري ڏيندا آهن تڏهين هي ڪٿين پيرا هنن وٽ ڪپڙو ڪٽي آيو هوندو ۽ ڇٽين روپين جو ڪپڙو انين روپئي بارهين آني ڏيئي ويو هوندو ته به چوندو هو ته ساڪائتو مونکي هن سودي مان رڳا ٻه آنا ٽا بچن.

راڌا راڻيءَ بزاز کي چيو ته "جنهن بابوءَ توکي هي ساڙهيون اسان ڏي ڪٽي اچڻ لاءِ چيو هو تنهن کي تون سڃاڻين؟"

پدم لوچن وراڻي ڏني ته، تون هنکي ڪيئن سڃاڻين ٿا؟ نيمگر ورندي ڏني ته، نه.

مون پانيون ته هو ڪو ڏوهانجو مائٽ آهي. مان هنکي ڪونه سڃاڻان. سگهه ڪئن به هجي. هن پلي مانس پدم لوچن وري به ڇٽن روپين جو ڪپڙو انين روپئين چوڏهين آني (نفع سودو) وڪڻيو. وڌيڪ چوڻ مان ڪي وڻٽو ڪينهي ائين چاڻي ۽ پلائي جو

Gul Hayat Institute

ڦل پٽ پيو سمجھي ھو سپنيو ڪاپڙي پنھنجي ھٿ ڏي موٽيو.

ايتري ۾ راڌا راڻي پاڻ ڊوڙي ويئي بازار ڏي؛ رپيا مٽائي ماءُ ڪاڻ جيڪي کپندو ھوس سو ڳنڍاءِ. ھوءَ گھر ليل وٺي آئـي ۽ اچي ڏيو ٻاريائين ۽ ماڻس ڪاڻ جيڪو پٽ پڇ گھربو ھو سو رڌائين. ماءُ وٽ ڪاڏو ڪٺي اچڻ ڪان اڳي ٻھريائين ھن ڪوٺي ٻھاري. جاءِ ٻھاريندي ھڪڙو ڪاڳر ٽڪرو لڌائين. اھو کڻي ويئي ماءُ وٽ ۽ ھن کان پڇيائين ته اما ڏس ته ھي ڇا آھي؟

ماڻس ڪاڳر وٺي ۽ جاچي ڏٺو ۽ چيائين ته ھي ته نوٽ آھي!

نوٽ آھي ته پائڻجي تو ته ھن در مان اندر ڦٽو ڪيو آھي.

ھائو، ھائو! اھو تنھنجي ڪاڻ ڇڏي ويو ٿو ڏسجي. اجھو ھن تي ڪي لکيو پيو آھي.

"راڌا راڻيءَ واسطي."

راڌا راڻي چيو ھنجو پاو ٿئي! اسان سان ڪيتري ڀلائي ڪئي اٿس. امان، اڳي تو ڪڏھين اھڙو ٻاجھارو ماڻھو ڏٺو ھدو؟

ماڻس وراڻي ڏني ته ڏس، ھن نوٽ تي پنھنجو نالو لکي ڇڏيو اٿس؛ توکي سڌ آھي ته اٿين ڇو ڪيو

Gul Hayat Institute

اٿس؟ مٿان ماڻهو سمجهن ته هيءُ چوريءَ جو نوٽ آهي ۽ نه مٽين. رڪمڻي ڪمار راءِ. ٻئي ڏينهن صبح ڌي ٻهي گهٽي ٻچا ڳاڇا ڪئي ته. رڪمڻي ڪمار ڪير آهي؟ پر سري رامپور ۽ پر وارن ڳوٺن ۾ انهي نالي وارو ماڻهو ڪنهن ٻڌو به ڪونه هو. هُن نوٽ مٽايو ڪين، ۽ ائين سوگهو ڪري رکي ڇڏيائون. هيون ٻه ڏايڍيون گهرجائو پر لالچي ڪين هيون.

راڌا راڻيءَ جي ماءُ کي جن وستن جو ڪپ هو سي ملي ويس سا ڳالهه چڱي ٿي، پر هنجي ناچڱائي ۽ هيٺائي وڌنديون ويون. ڪنهن وقت هوءَ ڏايڍي ڏنونت هتي ۽ هاڻي ته ويچاري ڏترجي ڪنگال ٿي ويئي هئي. هڪڙي ناچڱائي ٻي ڳڻتي تن جهوري رکيو هوس. بيماري ويس ڏينهان ڏينهن قابو پوندي ۽ نيٺ ائين پڌرو ٿيو ته هاڻي هنجي پڇاڙي اچي پيئي آهي.

اُنهن ڏينهن ۾ ولايت مان سماچار آيو ته لنڊن واري پروي ڪائونسل جي نياءَ آڏيشن سندس فائدي ۾ نبيرو ڪيو آهي. ڏسڻ ۾ آيو ته ڪيس ويل ملڪيت سڀ موٽي ملندي ۽ دعوي جو سمورو خرچ تنهي ڪورٽن جو به وري ملندس. هاءِ ڪورٽ ۾ مقدمي هلندي بابو ڪامکيه ناٿ سندس مکيه وڪيل هو، تنهن پنهن جي سر اچي اها خبر کيس ٻڌائي. اها خوشي جي خبر

ٻڌي هوءَ مرٽينگهه اهڙي پرسن ٿي جو خوشيءَ وچان اکين ۾ ڳوڙها اچي ويس ۽ پاڻ جهلي پنهنجي وڪيل کي چيائين:-

”دادا، جس هجيئي، تو وسامندڙ ڏيئي ۾ تيل آڻي وڌو آهي. ارمان جو اها خوشخبري اڳيرو نه مليم، آءٌ نه هاڻي موڪلائڻ ۾ آهيان جو منهنجا ڏينهن اچي پورا ٿيا آهن. پر وڏا ٿورا ٻروءَ جا جو منهنجي مٺي ٻچاڙا منهنجي ڌيڙي بک ڪين مرندي. ائين چوڻ به نه ڪيم، ڏسان ڇا ٿئي؟ اڄ ڪهڙي پڪ آهي؟ هوءَ ويچاري ٻارڙي معاملن مان ڇا ڄاڻي؟ هنجا حق ۽ ملڪيت ڪير سنڀاليندو؟ دادا، تولي منهنجو ڀروسو آهي، تون مون مرٽينگهه کي هن انتڪال ويلي ڪو دلاسو ڏي، وچن ڏينم ته تون منهنجي ٻارڙيءَ جو پتا به ٿيندين ۽ سنڀاليندڙ به ٿيندين.“

ڪاملي ناٿ بابو نه رڳو تمام ڏاڍو دياوان هو، پر تمام ڏاڍو سچار ۽ ڀروسي جهڙو ماڻهو هو ۽ راڌا راڻي جي پيءُ جو جهونو سنگتي ۽ پريتوان هو. جڏهن هنن جي ڪٽنب تي آپدا آئي هئي، تڏهين هن راڌا راڻي جي ماءُ کي گهڻيون منٿون ڪيون هيون ته جيسين ايبل جي صفائي ٿئي تيسين توهين هلي اسانجي گهر رهو. هن ڌرم جي ماءُ ڪري ٿي هن کي ٽڪايو پر توڙي ڪنگال تي ويٺي هئي تب ماني کي ڪل جو

Gul Hayat Institute

گرب ڪين ويو هو، سا چئي ته ”مرسان مرسان نه
ڊپ نه چرسان“: پنهنجي وڪيل جو ٽورو ڇو ڪڍان؟
نيت هن ويچاري بابوءَ سندن گذران ڪاڻ مهنو ناهي
ڏيڻ جي آڇ به ڪئي؛ پر مائي اها ڳالهه به نه مڃي؛
چيائين ته هاڻي ته اسانجي خير جي پلڪ پئي ٿي لنگهي؛
پوءِ جي اهڙي ڪا گهرج پئي ته توهان ڪان وٺنداسون.
هن ڪنهنجي اڳيان هٿ نه ٽنگيو هو، رڪمڻي ڪمار
جي سهائتا به هن اڻ سرنديءَ قبولي هئي. پهرين به
اها هئي ته پوئين به اها هئي؛ ٻئي ڪنهين ماڻهو جو
ٽورو هن ڪڏهين نه کنيو هو. هن جي وڪيل کي
تنهنڪري ڪابه سڌ ڪانه هئي ته هنجا ڪي اهڙا برا
حال ٿيا آهن. هنکي جڏهين ڪل پيئي ته هن جو
اهڙو حال ٿيو آهي جو بڪ جون ٻاٽون پيا ڪائين، تڏهين
هو ڏاڍو دکي ۽ وياڪل ٿيو. جڏهين هن مائيءَ اڳين
سر هٿ جوڙي وينتي ڪيس تڏهين هنکي ڏاڍي
کهل آئي.

هن چيو ”منهنجي امڙ، تون هڏ زبان مان ڪيد
سهين ته آءٌ تنهنجي آڳيا پالڻ ڪاڻ حاضر ويٺو آهيان.
جئن تنهنجي اڇا هجي ائن ڪرڻ ڪان آءٌ تر نه گسندس.“
مائي چيو ”هاڻي منهنجي چالاڻي جو سمو اچي ٻڌيو
آهي. آءٌ ڏيڙي پٽ تي ڇڏي ٿي وڃان. ڪورٽ
هاڻي منهنجي سهري جي سچي وصيت ثابت ڪئي

آهي جنهن ڪري راڌا راڻي هاڻي وڏي ملڪيت جي مالڪياڻي ٿي آهي. اُون ڀلائي ڪري هنجي سنڀال ڪجانءِ ۽ هنکي پنهنجي نياڻي ڪري پالڄ. جيڪي هوند وارن ۽ ڀاڳين کي ٽڪيندا ۽ ٺڳيندا آهن اُنهن کان بچائجانس. انتڪال سمي جي اها آخري منهن جي وينتي. مون کي، دادا، اون وچن ڏيندين ته آءٌ سکالين ساسين ويندس."

وڪيل وراڻي ڏنيس ته "مون کي سنهن آهي پرمالما جو، راڌا راڻي کي پنهنجي ڌيءَ کان به گهٽو پاڻيندس، اهو منهنجو لوسان وچن آهي ته انهيءَ ننڍڙي نياڻي جي سنڀالڻ کي آءٌ پنهنجو ڌرم ڪري ٿو ڄاڻان ۽ مونتي پرتيت اچڻي ته آءٌ انهيءَ جي پالڻ ۾ گهٽائيندس ڪين." هن مرڻيندڙ مائيءَ ڏانهنس نهاريو ۽ هنجي اکين ۾ پاڻي ڏسي پڪ ڄميس ته هو وچن اوس پاڙيندو. خوشيءَ مان هن ٿورو مرڪيو، جنهنڪري هنجا لب ۾ ڪاڻل ۽ سڪل چپ هڪ ڪنڊ سرهائي ۾ ڀڪيا. هن مرڪڻ مان هن آزمودگار وڪيل سهي ڪيو ته هوءَ ويچاري جيئڻ جو آسرو لاهي ويئي آهي. ڪامڪيه بابو هاڻي وري هنکي منت ڪئي ته ڪجهه وقت اسانجي گهر ۾ هلي رهو. پوءِ جڏهين قانوني ڪارروائي ٿي چڪي ۽ لوهانکي پنهنجي ملڪيت وري هٿ اچي تڏهين ڀلي وڃي پنهنجي گهر ۾

Gul Hayat Institute

رهجو. اڳي اڻ هوند ۽ ڪل جي ايمان ڪري ڪنهن
جو ٽورو ڪٽڻ نٿي ڀاسياءِ. جڏهين ڪنگال هئي تڏهين
هوند وارن ماڻهن جي ٽوري ڪٽڻ کان لڄ ٿي ٿيس
هاڻي جڏهين ڏٺاءِ ته سک جا ڏينهن وريا آهن ۽ ويل
ڏن دولت موٽي مليا آهن تڏهين اهو هٺ ڇڏي
ڏناءِ. هن پنهنجي جهوني ڏهڻ گهري جي آڃ گهٽي
ڀاو ۽ نرميءَ سان قبول ڪئي. وڪيل ڏاڍي جتن
۽ سنڀال سان هن ڏيل ۽ ناچڳي ماڻي ۽ ڏيڍس کي
پنهنجي گهر وٺي ويو. حڪيم طبيب هن گهٽائي آندا،
پر وريو ڳالهه سان ڪجهه به نه. هوءَ وڏوا ملڪيت
موٽي ملڻ کان پوءِ سٽنتئي پرلوڪ پڌاري. راڌا راڻيءَ
جي وڪيل جوڳو اپاءُ ڪري هنڪي سندس ملڪيت
جو قبضو وٺي ڏنو. پر ڏٺاءِ ته هوءَ اڃا ننڍڙو ٻار آهي؛
تنهنڪري سندس اباڻي گهر وڃي رهڻ جي موڪل
نه ڏنائينس ۽ وري به پنهنجي گهر ۾ ٽڪائي ڇڏيائينس.
ضلع جي ڪليڪٽر جي مرضي هئي ته هنجي ملڪيت
هو پنهنجي سنڀال هيٺ رکي، پر ڪامڪيه بابوءَ جي
راءِ هئي ته سرڪاري عملدار کان سندس هٿان هن
نينگر جي ملڪيت جي چڱي سنڀال ٿيندي. هن
پنهنجي ڏاهپ ۽ چالاڪي سان ڪليڪٽر صاحب کي
انهيءَ ڳالهه تان لاٿو ۽ سرڪاري دست اندازي کان
سواءِ هن نياڻي جي ملڪيت سنڀالڻ جو ڪم هن

Gul Hayat Institute

خوشيءَ سان پنهنجي مٿي تي کنيو. هنکي جيڪا تانگهه
هئي سا هن ڳالهه جي هئي ته هن جي لاءِ ڪو يوگيہ
ور ڳولجي. پاڻن کي هن وڪيل جا خيال اڻين زماني
جا ها ۽ هو ٻال اوستا جي شادين جو ڪوڏيو نه هو.
هن اهو ٻه ويچار ڪيو ته هنجو ڪو پراڻن ۽ جهونن
خيالن وارو مت مائٽ ڪونهي جو چوندو ته هرو ڀرو
ننڍي وهيءَ ۾ هوءَ نه پرڻبي ته نياڻ مان نڪرندي.
تنهنڪري هن نهراءُ ڪيو ته جيسين پاڻ راڌا راڻي ور
ڪرڻ جو خيال نه ڏيکاريندي تيسين انهي ڳالهه کي
ڪين ڇوڙيو. تيسين پلي هوءَ وديا لاڀ ڪري. اهي
ڳالهيون سوچي هن پلي مانس هنجي ور ڳولڻ جو خيال
حال لاهي ڦٽو ڪيو ۽ جيڪي وس پڄس سو هن کي
وديا پاڙهڻ جي اڌ ۾ ڪرڻ ۾ هلايا ۽ چڱي ڪان چڱا
سکيڪ ڳولي رکي ڏنائينس.

پنج ورهه گذري ويا آهن ۽ راڌا راڻي هاڻي ڏاڍي
سندر جوڀني سورهن ورهن جي استري ٿي آهي پر
اندر زنانن خاني ۾ پوري پيئي آهي. ڪنهين ٻرش هن
جو سوپياوان مکڙو نه ڏٺو آهي. پر هن سمي جي تمام
سڌريلن ماڻهن جي راءِ موجب ٻه اهو وقت اچي ٿيو
آهي جنهن ۾ هن سندريءَ جي مائٽن جو ٻلو تيڻ جڳائي.
هنجي سيانيمدڙ جو رايو هو ته نينگر جو منجهه لهجي؛
هنجي دل جي ارادي معلوم ڪرڻ کاڻ هن پنهنجي

Gul Hayat Institute

ٻيءَ کي ڪري ٻڌايائين. پڙس هن ڏاڙهي ماڻهوءَ جي اُدارتا جي ڳالهه ٻڌي ٽپرس ۾ پيو. هن چيو ”ڇوڪرا! تون منهنجي پاران وڃي چئينس ته تون ڏاڍي ڀل ٿي ڪرين. هنکي چؤ ته پرڻجڻ ٿوري لاهڻ جي ڳالهه ڪانهي. آءٌ قبول تڏو ڪريان ته هنکي اهڙي ڏاڻار ۽ ديالوان ڏاڙهي مڙس جو ٿورو مڃڻ گهرجي؛ اها چڱي ۽ پوري ڳالهه آهي؛ ۽ جي وجهه ڏسي ته ڀلي ڪنهن جوڳيءَ ريت سان هنجو ٿورو لاهي؛ پر هن سان پرڻجڻ ٻي ڳالهه آهي. نه اسانکي هنجي ذات جي خبر، نه چال چلگت ۽ عمر جي خبر، ۽ نه هنجي هوندي سندي جي سڌ. شڪ نه آهي ته هو پرڻيل ۽ ٻارن ٻچن وارو هجي. ڪهڙي سڌ پوي ته هو راڌا راڻي سان پرڻجڻ لاءِ تيار آهي يا نه؟“

بسنتيءَ وراڻي ڏينهن ته ”اوهين چڱو ٿا چئو؛ پر راڌا راڻي اباڻي نه آهي، هوءَ اهي سڀ ڳالهيون ڄاڻي ۽ سمجهي ٿي. انهيءَ رات کان وٺي هنجي مورت اکين اڳيان بيٺي اٿس ۽ اها مورت ردي ۾ استاپن ڪري ڇڏي اٿس؛ جئن ٻيا ماڻهو ڏيهاڙي پنهنجي اشت ديوتا کي پوڄيندا آهن تئن راڌا راڻي ڏيهاڙي انهي مورت کي پوڄيندي آهي. پنج ورهه هوءَ اسانجي گهر ۾ رهي آهي تن پنجن ورهن ۾ اهڙو هڪڙو ڏينهن ڪونه لنگهيو هوندو جنهنمر هن هنکي ياد نه ڪيو هوندو

Gul Hayat Institute

۽ هن بابت مون سان ڳالهه ٻولهه نه ڪئي هونداءِ، جي ڪڏهين اوهين هنڪي ٻئي ڪنهن سان ڪٺي پرٽائيندؤ ته پڪ ڄاڻجو ته هن جو پتي ڪو سڪ ڪونه ماڻيندو.

”اڙي بابا ڙي، بابا ڙي!“ وڪيل چيو، ”جي هن نينگر جي اندر هنجي نيهن روپي روڳ گهر ڪري ويو آهي ته ان جو رءِ جهڙو علاج تيئن ڪجي؛ پر ٻهريون علاج ته مونکي اهو ٿو سجهي ته انهيءَ لڪل رڪمڻي ڪمار کي ڳولي لهجي.“

انهيءَ ڪري هو پلو مانس لڳو انهي ڌارئي ڏاتار پرش جي ڳولڻ ۾. پاڻ پنهنجي سر به هن گهڻيئي پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ پنهنجن سنگتين ساٿين ۽ پريتوانن کي به ڳولا ڦولا ڪرڻ لاءِ چياءِ ۽ ساري ملڪ ۾ جيڪي سندس اصيل ها تن ڏي اڻ ڳڻيا خط لکياءِ ۽ سيني اخبارن ۾ به اها ڳالهه وجهي پڌري ڪياءِ. اخبارن ۾ هن ريت لکياءِ: ”بابو رڪمڻي ڪمار راءِ پلاٽي ڪري هيٺ صحيح وجهندڙ سان گڏجي جو هن سان ڪنهن ڪم بابت ڳالهه ٻولهه ڪرڻي آهي. هو پڪ ڄاڻي ته انهي گڏجڻ ۾ سندس ئي پلو ٽيڻو آهي.“ پر انهن سيني اپاون مان وريو ڪي ڪين. ڏينهن ۽ مهنا نه، پر ورهه نبري ويا ته به رڪمڻي ڪمار راءِ جو ڪو ڏس پتو ڪونه پيو. انهيءَ وقت وري راڌا راڻيءَ لي ٻي آپدا اچي پئي؛ سندس دياوان سهانڪ ۽ متر جو هروقت

Gul Hayat Institute

۽ اسان جي راڌا راڻي بائي اصل اُلي جي هئي. تنهن ڪري ڏکيا ڏينهن ڪاٽي ۽ وري سکن لهڻ جي ياد گيريءَ ۾ شڪرگذاري ڏيکارڻ جي نيت سان هن اُهو آشرم راجپور ۾ پنهنجي مائٽاڻي گهر جي سامهون ٺهرايو، ۽ ڪلڻ سان اُهو آس پاس وارن ڳوٺن جي اناٿن ۽ اپاهجن سان سٿنٿي پرجي ويو.

انهيءَ کان پوءِ ورهه ٻه ورهه لنگهيا ته هڪڙو سکر ماڻهو راڌا راڻيءَ جي اناٿ آشرم وٽ اچي نڪتو. هو ۳۵-۳٦ ورهن جي ڄمار جو ٿي ڏٺو. سياءَ جو ڪنيير ۾ ديالو ڏسڻ ۾ ٿي آيو، ۽ سکيو سنهنجو ٿي ڀانيو. رڪمڻي ڪمارپرساد جي در وٽ ٿوري وير بيٺو ۽ پوءِ نوڪرن کان پڇياءِ ته هي ڪنهن جي جاءِ آهي. نوڪرن چيس ته هيءَ ڪنهن جي رهڻ جي جاءِ ڪانهي پر اناٿن ۽ بکين ڏکين جو آشرم آهي؛ جنهن جي نالي اهو آشرم ڪوٺبو هو سو ٻه پدمايانوس. تنهن تي هن سکر ماڻهوءَ پڇيو ته آشرم آءٌ ڏسي سگهان ٿو نه؟ هنن ورندي ڏني ته جا جاءِ ڏکين بکين ۽ ڪنگالن جي ڪاڻ ڪليل تنهن ۾ توهان جهڙن ماڻهن کي ڏسڻ کان پلا ڪير جهليندو؟

هن ڌاريءَ ماڻهوءَ آشرم چڱي پر جاچي ڏٺو ۽ ٻيهي وٽ موٽي اچي چوڻ لڳو:-

”غريبن ۽ بيمارن جي آرام ڪاڻ جو پربند ٿيل آهي سو مون چڱي ريت جاچي ڏٺو آهي ۽ آءٌ ڏسي

Gul Hayat Institute

ڏايو پرسن ٿيو آهيان. ڪهڙي ڏاتار پرش هي نهرايو آهي؟ هنجو ناو رڪمڻي ڪمار آهي ڪيئن؟ نوڪرن وراڻي ڏني نه سائين نه هي آشرم اسانجي ڌياڻي شريمتي راڌا راڻي داسيءَ جو نهرايل آهي.

هن ڌارني ماڻهوءَ پڇيو نه. تڏهن هنڪي رڪمڻي ڪمار پرساد ڪري ڇو ٿا سڏين.

نوڪرن چيو ته اسانڪي ستڌ ڪانهي.

اهو رڪمڻي ڪمار آهي ڪير؟

اسانکي اهڙي نالي واري ماڻهوءَ جي ستڌ ڪانهي.

توهانجي ڏاتار ڌياڻي جنهن هي آشرم جوڙايو آهي تنهن جي رهڻ جي جاءِ ڪٿي آهي؟

نوڪرن ويجهو هڪڙي ٺاهوڪي سندر جاءِ ڏيکاريس.

ڌارني ماڻهوءَ پڇيو نه. مونکي ٻڌائيندؤ ته هوءَ ناري پرنيل آهي ڪين وڌوا آهي؟

هوءَ نڪي پرنيل آهي نڪي وڌوا آهي. هوءَ وڏگهراڻي آهي ۽ سندس مائٽ سڀ مري ويا آهن. هنکي پرڻائڻ وارو ڪوبه ڪونهي.

”توهانجي ڌياڻيءَ سان ڪو مڙس ماڻهو گڏجڻ چاهي ته هوءَ انهيءَ کي اچڻ ڏيندي ڪين نه؟ پلاڻي ڪري چڙجو نه، هاڻي گهڻيون ئي هندو استريون انگريزن جي زالن وانگر کليو ڪلايو پيون اچن وڃن تڏهين مون توهان کان اهو سوال پڇيو.“

”واهه سائين واهه! چڱو تو سوال پڇيو. اسانجي ڏياڻي کي اهڙن وڏيسي چالن کان ايشور رکي ورتو آهي. هوءَ ڪٽنب جي پريتوانن پرشن کي به پاڻ وٽ اچڻ ڪين ڏني.“

ڌاريو ماڻهو اهو ٻڌي وچار ۾ پئجي راڌا راڻي جي گهر ڏانهن اٿي هليو ۽ هنجي در ۾ وڃي پهتو.

هن ڏٺو ماڻهوءَ کي ڪپڙا لٽا اهڙا هوا جهڙا ساڌارڻ بنگالي سڪر ماڻهو پيا ڪيندا آهن. جي پوشاڪ ٺاهوڪي ۽ سٺي هيس ته انهن کا اهڙي وشيش ڳالهه ڪانه هئي سواءِ هنجي ته هٿ ۾ هڪڙي چاڪڻي هيري واري منڊي پيئي هيس. اهو هيرو اهڙو وڏو ۽ سندر هو جو رڳو درٻانن جو به ڌيان انهن لڳي ويو ڇو ته هڏن اهڙو عمدو هيرو سڃي ڄمار ۾ ڪونه ڏٺو هو. پر هو هئو اڪيلو ۽ ٻيو نوڪر چاڪر ساٿس ڪونه هو. هو پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا ته هي ڌاريو ماڻهو ڪير آهي. هنن ڄاتيو ته هو پاڻهي چوندو ته آءٌ ڪير آهيان پر هن ڪين پاڻ پڌري ڪرڻ جي ڪهڙ ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. هن گهيرتا سان درٻانن کي چيو ته مونکي راڌا راڻي جي مکيه داروغي وٽ وٺي هلو. جڏهن انجي ساههون تيو تڏهن هنکي هڪڙو خط هٿ ۾ ڏيئي چياءِ ته پلائي ڪري هي خط پنهنجي ڏياڻيءَ کي وڃي ڏي ۽ مونکي هنجي ورندي آڻي ڏي.

داروغي وراڻي ڏنيس تہ ”سائين منهنجي ڌياڻي ڪنواري آهي ۽ امڙي وهي اٿس تنهنڪري هن اهو نهراءُ ڪري ڇڏيو آهي تہ سندس نالي ڪنهن ناواقف ڌارئي ماڻهوءَ ڪان ڪو ڪاغذ پتر اچي تہ پهرياءِ اسين پڙهي پوءِ ڏانهس موڪليون.“

هن ڌيرج سان وراڻي ڏني تہ ڀلي پڙهو.

داروغي اهو هن ريت پڙهيو:

”منهنجي مٺي پياري ڀينڙي:

هن خط جو آڻيندڙ جيتوڻيڪ مڙس ماڻهو آهي تہ بہ تون بيشڪ هن سان خلاصو ڳڌجڄ، ڪو ڊپ يا شڪ ڪونہ ڪج؛ تہ توهان ٻنهي جي وچم جيڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿئي تنهنجي مونکي سڌ ڏجانءِ.“

تنهنجي جهوني ساهيڙي

شريمتي بسنت ڪماري.

هن ڪاملي ٻابوءَ جي ڏنل جي صحيح هڪدم سڃاڻي تنهنڪري هنکي شڪ شبهو ڪونہ رهيو ۽ نکو هن عذر بهانو ڪيو. هڪدم اهو ڪاغذ اندر زنانخاني ڏي ڏياري مڪائين.

انهي دم هڪڙي نوڪري آئي سا هن ڌارئي ماڻهوءَ کي زنانخاني ڏي وٺي ويئي. هن سان ٻيو ڪوبہ مڙس ماڻهو اندر ڪونہ ويو اهڙو سندس ڌياڻيءَ جو حڪم داروغہ کي ٻڌاياءِ. نوڪرياڻي هن ماڻهوءَ کي وٺي وڃي

هڪ ڪوٺيءَ ۾ وهاريو جا ڳاهوڪي سامان سان سينگاريل هئي. هي ڀريو ڀٽي گهمرو هو جو سندر راڌا راڻي جي خلاصي جاءِ ۾ مڙس ماڻهوءَ پير پاتو هو. هنڪي ڏسڻ سان هڪڙي نوڪرياڻي ويٺي پنهنجي ڏياڻيءَ کي ٻڌائڻ ۽ ٻـي اتي ڪرسي پيئي ۽ جيئن اهڙين زالن جـو دستور ٿيندو آهي تيئن هنکـي ويهي جاچياءِ. هنجي چوڻ موجب هنجو مهانڊو پورو هو. اهڙو اڇـو جهڙو ماليڪا جو پورو ٽڙيل گل ٿيندو آهي. قد جو ڊگهو هو. سندس ٻت جو گهاٽ سگهارو ۽ ڏايو هو. سندس ترار اوچو هو ۽ مٿانس پڌور جهڙا ڪارا گهنڊيدار وار پئي پيا. هنجون اکيون وڏيون ۽ کشاديون هيون ۽ ڀرون سندس گهاٽا ۽ ڪمان وانگر ها ۽ اهڙا ڪارا ها جهڙا هنجا مٿي جا وار. هنجو نڪ سنئون ۽ اميراڻي ڊول جـو هـو ۽ هنجا چپ ڳاڙها پر تمام ڀريل ڪين ها ۽ هنجي ڳچي ڊگهي هئي پر مضبوط ۽ ڳاهوڪي ۽ هنجو ٻت چوغ سان ڍڪيل هو پر هن نوڪرياڻي سهي ڪيو ته هنجا هٿ سهڻا ۽ ڳاهوڪا ها ۽ انهن مان هڪڙي ۾ عمدي هيري جي منڊي پيل هيس.

راڌا راڻي ڪوٺيءَ ۾ گهڙڻ سان نوڪرياڻيءَ کي ٻاهر ڪڍيو. هنجي ويجهو اچڻ سان جئن راڌا راڻي جـي موهڻي مورت تي هنجي نگاهه پيئي تئن سندس اندر ۾ اهـڙو امنگ اٿيو جـو جڻ جيوت ۾ نئون سج اڀريو

آهي. هن جي ٽازي من موهيندڙ سونهن ڏسي هن جو سڄو سرير ڦولجي ويو. هو مڙس ماڻهو ۽ عمر ۾ وڏو هو انهن ڪري ڀڄي پاءِ ڳالهائڻ هن ڪي هو پر هن نينگر جي سونهن اهڙو موهت ڪري ڇڏيس جو هن کان ڳالهائڻ اڪليوئي ڪين. راڌا راڻي کي هن جي مات ۾ رهڻ ڪري مٺيان لڳي ۽ چيائين "مونکي سمجهائيندؤ ته ڪهڙي ڪارڻ ڪري توهان مونسان خلاصي ملاقات ڪرڻ جي ڳهر ڪئي آهي؟ توهانکي سڌ هوندي ته آءٌ اڻ پرڻيل استري آهيان، ۽ مون جو توهان جي مرضي رکي آهي ته رڳو ٻسنتيءَ جي مدت ڪرڻ ڪري."

هن ماڻهوءَ چيو ته "مونکي هروڀرو ڪا اهڙي ٽانگهه ڪان هئي ته توهانکي روبرو اچي ڏسڻ جو مان لهان."

راڌا راڻي کي انهيءَ تان ويتر چڙ لڳي.

هن وراڻيو ڏني ته "ائين ڪئن هوندو؟ توهين هي ڳالهه ڏيان ۾ رکو ته منهنجي ساهيڙيءَ جو توهانکي ڏسڻ لاءِ مونڊي لکيو آهي تنهن جو سبب هن ڏيکاريو ئي ڪونهي. جيڪس توهين مونکي ٻڌائي سگهندؤ؟"

هن ماڻهو هڪڙي پراڻي ڦاٽل اخبار ڪڍي راڌا راڻيءَ کي هٿ ۾ ڏني. هن رڪمڻي ڪمار جي ڳوڙ لا بابت ڪا مکيه باوءَ جو ڇپايل اشتهار انهيءَ اخبار ۾ ڏنو. اڃا انهي اشتهار تي نظر پيس ته ائين ڏڪڻ لڳي جڻ ڏاڍي واچ ۾ ڪڄيءَ جو وڻ لڏي. هن ڌارئي ماڻهوءَ جي

سو پياوان مهانديءَ کي ڏسي دل ۾ چوٽ لڳي ته ٻال اوستا ۾ جنهن ساٿس پلائي ۽ سهائتا ڪئي سو هي پرش آهي ڪئن؟ اچرج ۾ پئي لڄ لاهي پريم پرڻي آواز سان پڇيائينس ”سائين تڏهين رڪمڻي ڪمار بابو شايد توهين آهيو؟“ هن وراڻي ڏني ته ”نه، اُهو ڪين آهيان.“

اهڙي وراڻي ملڻ تي هوءَ ڏيري ڏيري رڙهي رڙهي وڃي جاءِ تي ويٺي. چوته هڪڙي اهڙي هڻ لڳي ۽ تنهن وٽ ويو جو ٻهي ڪين ٿي سگهي.

هن ماڻهوءَ وراڻي ڏني ته ”نه، جي آءٌ رڪمڻي ڪمار هجان ها ته تنهنجو سڏيالندڙ هي اشتهار ڇاپائي ڪين ها. ڇاڪاڻ جو هو مونکي چڱي ريت سڃاڻندو هو. پر جڏهين اهو اشتهار اخبار ۾ ڏٺم تڏهين سڏيالي رکي ڇڏيم ته متان ڪنهن ويل ڪم اچي وڃي.“

راڌا راڻيءَ چيو ته ”سائين جي انهي اشتهار جو توهان سان لاڳاپو ڪونه هو ته پوءِ اُنکي سانڍي ڇو ٿي رکيو؟“

”ڇو؟ رکو انين ڇرچي ڪاڻ؟ اڄ ڏهه ورهه ٿيا اچي ڪڏ ڪنيم سو انين پير پيادو ولٽيس رلندو گهمندو ۽ ڊپ به هوم ته پريتوان ماڻهو ڪلون ڪندم ڇاڪاڻ ته هن ملڪ ۾ آبرو وارا ماڻهو انين اجايو رلندا نه وتندا آهن؛ تنهنڪري رڪمڻي ڪمار جو ڪوڙو ناٽو ڪري پاڻ تي ڌريم. توکي انهي ڳالهه تان اهڙو

ٻڌرس ڇو ٿو لڳي؟" ۽ ڏاڏا ڙاڙي ٻاڻ سنڀاليو ۽ سندس چهرو وري سرهو ڏسڻ ۾ آيو.

هن ڏاڙهي ماڻهوءَ چيو ته "مونکي اهڙو ماڻهو سڃاڻي ڪونه ٿو جنهنجو سچو پتو اهڙو نالو هجي. مونکي اها ڳالهه دل سان ئي نٿي لڳي ۽ نڪي وسهڻ ۾ ٿي آئي ته ڪو منهنجي لاءِ ڳولا ڦولا ٿو ڪري. وري ويچار آيم ته متان ڪو ڪٺي ڦيڏ ۾ هجي تنهنڪري اخبار لڪائي رکي ڇڏيم ۽ ڪا مکيه بابوءَ سان ڪڏهين انهي ڳالهه بابت ٻاڦور ڪانه ڪئي يم."

"ڀلا پوءِ."

"۽ پوءِ جڏهين تنهنجي سنڀاليندڙ چالاڪو ڪيو تڏهين سندس پٽن مونکي سر وڃڻ لاءِ چتايو ۽ آءُ ڪم ۾ رڌل هوس تنهنڪري وڃي ڪين سگهيس. جڏهين آءُ گهر موٽيس تڏهن دل چيم ته وڃي ساڻن پڇا ڳاڇا ڪريان ۽ نه وڃڻ جي لاءِ معافي به وٺان. پوء اچي پيم سو اهو اشتهار به ڪري ساڻ کنيم. ڳالهيون ٻوليون ڪندي ڪا مکيه بابوءَ جي وڏي ڀيڻ کان پڇيم ته اهو اشتهار ڪنهن ڇپايو ويو هو. هن ورائي ڏني ته ڏاڏا ڙاڙيءَ جي چوڻ سان ڇپايو ويو هو. آءُ به هڪڙيءَ نيڪر ڪسي ڳڏيو هوس جنهنجو نالو هو ڏاڏا ڙاڙي ۽ جيتوڻيڪ مون هنڪي هڪٿي پيرو ڏٺو هو پر اها مون کان هڪ پلڪ نه وسري آهي. اها نيڪر جيتوڻيڪ

پاڻ ٻڪ ۾ پاڻ پٽي تي ۽ ٻه پنهنجي نا چڱي مالا جي ڪاڄ پيچ جي وسنن ونڻ ڪاڻ جهنگلي گلن جا هار ٺاهي وڪڻڻ لاءِ ساڻ کنيا هوا. ميهن اچي ورايو هوس سو نراس تي گپ چڪ ۽ اونده ۾ ٿاپا ڪائيندي گهر تي ويئي. ويچاري! مونکي هاڻي هنجي ڏک جي ياگيري تي پوي ته هميون تو هيٺو ٿئيم. هن جي دل کي کهڪاءُ آبو تي سا ڳالهه سندس آواز جهڪي تي وچڻ ڪان ٻه پروڙيو تي. راڌا راڻيءَ کي ٻه اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا، پر اُنهنکي روڪي دل جهلي چوڻ لڳي ته:- ”هڪڙي نياڳيءَ نديڙي نينگر جي ڏکن جي ڪيتري ڳالهه ڪندؤ؟ ڇڏيو ڪٿي انهي ڳالهه کي. توهين ٻڌائي ڪري مونکي ٻڌايو ته توهانجو مون سان ڪهڙو ڪم آهي؟“

انهي نينگر جي بابت اهڙا کهرا وچن مک مان چئي تي ڪيئن؟ هن جگه ۾ جيڪڏهن ڪا مڙي نديڙي ڪماري آهي ته اها آهي جا مون سان وات ۾ سنگتياڻي اچي تي هئي. مسافرين ڪندي ڏيساورن گهمندي جيڪڏهين ڪا اهڙي ڪماري گڏي اٿم جنهنم الم ۽ سريشت ديويءَ جا لڇڻ ۽ گڻ ها ته اُها منهنجي سنگتياڻي راڌا راڻي هئي. جيڪڏهن ڪنهن استريءَ جي چپن ۾ اَمرت هئو ته اُهو مون هن نديڙي سنگتياڻيءَ هي سادڙن منڙن ٻولن ۾ ڏٺو. ها، ديوي توهين پلي

Gul Hayat Institute

جي سونهن جي هن سندر ديوي ۾ ڏهين پتي هجي ته به اهڙي نار کهڙو پرش اکين ڇڪن نه ٿيندو ۽ هن جي ڪارڻ پنهنجو ساهه قربان نه ڪندو؟

هوڏانهن وري راڌا راڻي هن ڏاڍي ماڻهوءَ جا اهي مٺا وچن ٻڌي گد گد پئي ٿي. اچرج جهڙي ۽ سڪ دانڪ ويچار سان هن ڪماريءَ جي ڇاتي پرجي ويئي "هائو!" هن دلير ڇيو ته أهي جيڪي سندر وچن توهين اڳين ڏينهن واري ننڍڙي سڱتياڻيءَ بابت چئو ٿا سي ته سائين اوهانکي ٿا جڳائين. سچن اٽن ورهن کان پوءِ هاڻي توهين ڪٿان اچي پيدا ٿيا آهيو؟ ديوتائن وانگيان مٿان سُرگ مان اچي لٿا آهيو ڪئن؟ توهانجي داسيءَ جي پريم پرٽي ردي جي پڳتي توهانجي اندر ۾ نيت هٺي هند ڪيو آهي ڪئن؟ توهين سُرگ جا گڻ ته نه آهيو جو لڪا وتو ٿا ڪمارين جا منهن گهمندا؟ جي نه ته توهانکي ڪئن ٿي سُڌ پئي ته هيترا سال منهنجي ويچاري هٿنڙي ڳجهه ڳوهه ۽ ماٺ ماٺ ۾ ڪئن پئي توهانکي پوڄيو آهي؟ هي ڀريونٽي پيرو هو جو ڏينهن جي صاف سهائي ۾ هن جوڙي هڪ ٻئي ڏي نيڻ کڻي نهاريو. هرهڪ ٻئي ڏي نهاري دلير ڇيو ته تو جهڙو بيو ڪير آهي؟ هن ساري جڳت ۾ جنهن ۾ مهاساگر نديون نهريون ۽ منکن جي ڏين ٻٽن جي رهڻ جا سندر محل ماڙيون آهن، آهي ڪو بيو جيءُ اهڙو

سگهارو سهڻو منڙو ۽ مـن موهيندڙ؟ آهـي ڪو اهڙو وچن سڄاڻ ۽ وري اهڙو شانتي مـيءِ، آهي ڪو وري گمڀير، اهـڙو رلڻو ملڻو ۽ وري ڄـوڳـيءَ حياء وارو؟ هڪن دلبر ڇيو اڇهو منهنجو پراڻو پـريتم ۽ وري ڪهڙو نئون ۽ اچـرج جهڙو! ڪن ڪن ۾ وڌيڪ نئون ۽ وڌيڪ اچرج جـهـڙو، وڌيـڪ پيارو ۽ گهائل مـائـل ۽ وري اڻ سيڌو ۽ پراهين ڪـان پراهون ۽ رڌي ۾ سانڊيل نـه وري اڳي ڪڏهين نه ڏٺل! اهڙو جيءُ نـه ڪڏهين مون اڳي ڏٺو آهي ۽ نه وري ڪڏهين ڏسندس.

واه! ڪهڙو نه سيانو ڏيهن! واه! واه! ڪهڙو عشق جو منو معجزو!

ڀهراءِ نيمگر ڳالهايـو پوءِ ڀهراءِ جيڪيـسو مونجـهه ۽ اڌڪاءُ تيس، ڇاڪاڻ جو هنجي موهڻي آواز ڪل سان گڏ لڙڪن جو نشان پڻ ڏيکاريو.

”سائين، توهانکي ياد ئي ڏياريان ته هيسين تائي توهان رڳو پنهنجي لنيڊڙي بيڪارڻ نيمگر جي ڳالهه پڻي ڪئي آهي پر اڃان توهان مونکي نـه ٻڌايو ته مـون ۾ ڪهڙو ڪم اٿو.“

واه، راڌا راڻي! جنهن ماڌهوءَ جي ڏسڻ جي خوشيءَ کان اکين ۾ لڙڪ اچي ٿي ويئيءَ، جنهن ماڌهوءَ جـي ورهن جي پريت لنهنجي زبان مان پريم ۽ واکاڻ جا اهڙا وچن ٿي چوايا ”منهنجا آتما جا سوامي“ ”هن غريب

Gul Hayat Institute

داسيءَ جا آڌار،" "جدائيءَ ۾ منهنجو ساهه جو آسانگو،" تنهن سان اهڙي ريت ڳالهائبو آهي؟ ڇا اها به سچاويڪ ڳالهه آهي ته تون پنهنجي ڪمارپڻي جي وڏائي جي خوشيءَ ۾ ٻوڙجي وڃين؟ انهي نيڏڙي ٻيڪارڻ ڪماري راڌا راڻي جو توسان ڪهڙو لاڳاپو هو اهڙي سوال پڇڻ سان هنڪي ڇيڙين؟

وري اهو خيال جاڳيو ته هيترن ورهين ڀڄاٽان جڏهن ديوتا جي تو پوڄا پئي ڪئي سو تنهنجي آنند ڪارڻ اوتار ڌاري آيو آهي.

هن ڪماري جي اندر جي ترنگ اٿيا تن جو بيان ڪرڻ منهنجو ڪم نه آهي. پڙي ته تاريون جيڪي وارتا پڙهنديون ۽ جن پريم جي پٽي پڙهي آهي سي انهي ڳالهه کي ويچارائين ۽ ويچار ڪن اهڙي اٽوڪي ۽ جوش ڏيارينڌڙ حالتن ۾ نه آزمودگار ڪماريءَ کي ڇا ڪرڻ کپندو هو. آئه اها ڳالهه ٻڌائڻو ته راڌا راڻي پنهنجي جي بي پروائي جي هلت ڪري کي ڪجهه لڄي تي هئي. سنڌس مک مان جيڪي اهي لفظ نڪتا تن انهن ۾ عجب طرح جو حڪم جو آواز پئي بکيو، جڻ ته هن اڌڪاري پريتم کي ڇيڀس تي ڪئي! رڪمڻي ڪمار جنهن نرميءَ سان وراڻي ڏني ته آءٌ انهي ڳالهه تي آيس تي تنهن هو تورو لڄي ڏسڻ ۾ آيو. توکي ڏنم ته ته گهڻن ڏينهن واري نيڏڙي نيمگر دلبر هيم. اوڏاهي

رات ۾ جنهن ٽالنڊاڻي جو چمڪاٽ ڏسبو آهي تنهن جهيڙو آسرو جاڳيم ته هي سندر راڌا راڻي جا منهنجي اڳيان آهي سا جيڪس منهنجي. راڌا راڻي هجي!

ڪاوڙ جو ڏيک ڪري نيمگو واڪو ڪيو ڇا سائين توهانجي راڌا راڻي! اها سندس ٻول ٻازي هئي سو جنهن ڳالهاياءِ پئي تنهن مرڪياءِ پئي. هنجي ڪلي ڏلائي اهڙي ريت ڇوڙ ڪري جيتوڻيڪ هنڪي ڪمار پٺي جي ڏڪار جو ڏيک ڪرڻو هو ته ٻ هنجي چپن مرڪڻ پئي ڏنو.

پر رڪمڻي ڪمار هنجي خوشيءَ جي آواز جي موڙ سهي ڪري سهي؛ هندڪي رواجي طرح ساڻس ڳالهائڻ بدران اهڙي ريت بولياءِ جنهمان گهائلي مائلي پڙوجي؛ لنهنڪري هو مگن ٿيو.

”آءٌ توهانکي ڇڏي نٿي سگهان؛ پر جيڪا توهين ڳالهه ٿا ڪريو تنهمان پروڙجي ٿو ته توهان ديا ۽ اُدارتا جي پيشڪ ڪوتاهي ڪئي آهي. سائين وبچار ڪريو ته جي اوهانجو ديالو ۽ ٻاجهارو سڀاءُ هجي ها ته مان ڏيءِ جن لنگهڻ پئي ڪيا تن جي ٻک لاهڻ لاءِ ڪو اپاءُ نه ڪريو ها؟ توهانجي مک مان جيڪي هيمٿر ٻڌجي ٿو تنهمان ڏسجي ٿو ته توهان ڪان هنن جي سهائتا ڪرڻ وسري ويئي هئي.“

رڪمڻي ڪمار وراڻي ڏني ته ”اها ڳالهه سچي آهي

ڪيترو وقت ٿو ٿيا هئو؟

هن ورندي ڏني ته وڳو ڪن ماتر ٿو سيس. نيڌگو گهڻو ئي ڇيم ته ٿو سو جيسين آءٌ ڏيڻو ٻاريان، پر آءٌ ڪسڪي نڪري ويس پرسان ٻزار ۾ ته هنجي ڪاڻ ڪپڙن جو وڳو وٺي وڃان.

توهان هنکي پيو ته ڪي ڏنو؟

”پيو آءٌ ڇا ڏيڻي سگهانس ها؟ هائو، هاڻي تو ياد پوي ٿو ته ٿوري ناڻي جو نوٽ ساڻم هو سو سعدن جهوپڙي ۾ ڇڏي ڪري ويس.“ ڪرپا ڪري ڪن ڪميا کجو آءٌ انهي دم ئي موٽان.“

راڌا راڻيءَ هيٺرا ڏينهن اهو نوٽ سنڀالي سانڍي رکيو هو. جنهن ڏريءَ ۾ اهو لڪائي رکيو هوائين تنهن مان اهو ڪڍي موٽي آئي.

هن چيو ته ٻن غريب زالن وٽ اهڙي طرح نوٽ ڇڏي ڪري وڃڻ موزکنا هئي، هو پڪ ائين ڄاڻن ها ته توهين نوٽ اتي وڃائي ويا آهيو.

رکمڻي ڪمار چيو ائين نه آهي. راڌا راڻي ڪاڻ آهي لفظ آءٌ پينسل سان ان تي رهڙي ويو هوس ته منهنجو متايل نالو رکمڻي ڪمار راءِ ٻه متس لکي ڇڏيو هوم ته متان هدن ويچارين کي منهنجي ڳولا ڪرڻ ڪانه پوي. منهنجو مطلب هو ته هدن کي انهي هلاڪي کان ڇڏايان.

راڏا راڻي واڪو ڪيو ”واهه سائين واهه! توهان اهو ڏاڍو انڌير ڪيو آهي. توهان کي ائين چالو نه ٿو ري ۾ ڳهيل نينگر کي هيترا سارا ورهه پنهنجي سهاڳ جي اپڪار مڃڻ جو وجهه نه ملي سا نسوري بيرحمي آهي؟ هاڻي ڇڙو نه، جڏهن مٿر آپت ڪال ۾ هنن سان واهر ڪئي هئي تنهنکي ڳولڻ لاءِ توهانجي راڏا راڻيءَ کي واجبي سبب هو ڪين نه؟

ائين چوندي هن اُهو نوٽ ڪٽي هنجي هٿ ۾ ڏنو ۽ هنجي پيرن تي ڪري چوڻ لڳي: ”منهنجا ڏاڏي ۽ سوامي اهي ڏيهن تنهنجي پلائي منهنجي پياري ماتا جي جان بچائي. هن ڪنور دستر سنسار ۾ سائين، اوهان بنا ٻئي ڪنهنکي پنهنجو ڀريم ارپڻ ڪريان، مون توهانجي اڳيان سر نمايو آهي سو ٻئي ڪنهنجي اڳيان نه جهڪائيندي‌يس.“

Gul Hayat Institute

جڏهين هي جوين وان جوڙو هن گڏ جاڻي جي گهومات مان ڪجهه ساعت ۾ آيو تڏهين راڏا راڻيءَ چيو:-

”سائين توهان مونکي چيو آهي ته توهانجو سچو نالو ڪمپي ڪمار نه آهي. توهين ڪرپا ڪري هن پنهنجيءَ داسيءَ کي ٻڌائيندؤ ته اڳتي توهانکي آءٌ ڪهڙي نالي سان سڏيان؟

”ديوي، منهنجو نالو آهي ديويندر ناٿ راءِ.

"مون ماڻهن کان راجا ديويندرناٿ جو نالو ٻڌو آهي."

ٻهراڙيءَ جا ماڻهو مونکي برابر اهڙا پدوي ڏيندا آهن. توهين جيڪڏهين مونکي ڪمار ديويندرناٿ راءِ ڪري سڏيندؤ ته آءٌ ان ۾ پنهنجو پورو مان ڄاڻندس؟

"انهن آهي ته تڏهين توهانکي هڪڙي وينتي ڪرڻ جي آءٌ جرات ٿي ڪريان. جڏهين هاڻي سڌ پيئي آهي ته اسين هڪ نياڻ جا ماڻهو آهيون تڏهين مونکي اهڙا آس آهي ته مهنجو مهربان سهانڪ اڄ مهنجي مهماني قبولي."

راجا ڪرپا ڌاري چيو "ديوي! جي توهانجي اها اڇا آهي ته توهانجي گهر مان روٽي ٽڪر کائڻ ڌاران وڃڻ ڪري مونکي ارمان ٿيندو."

پنهنجي ڌياڻي جي آگيا سان مکيه داروغو راجا کي مرداني بينڪ خاني (اوطاق) ۾ وٺي ويو ۽ هنجي آرام لاءِ جوڳو پربند ڪياءِ. ٻاڻي سر رسوئي پوڇي آڻي رکيائون ۽ گهر ڌياڻي پنهنجي ماڻيتي مهمان کي کارايو.

جڏهين روٽي کائي چڪو تڏهين راڌا راڻي چيو "ڪيترن ورهين لاڳر آءٌ آس رکي ويٺي آهيان ته مونکي پنهنجي سهانڪ جي شيوا ڪرڻ ۽ ٿوري لاهڻ جو من کو وجهه ملي. مون هڪڙي ٿورڙي سوکڙي

Gul Hayat Institute

تيار ڪري رکي آهي سا ڪرپا ڪري توهين قبول ڪريو. هي هار ڪو اهڙو ملهائتو نه آهي پر جي مهاراج جن جي مانواري گهر واري پائيندي ته منهنجو منهن مٺي ٿيندو ڇاڪاڻ جو اوهان ۽ اوهان جي ڪٽنب جي ٿوري ۾ آءٌ پاڻکي ڳهيل ٿي پائيان."

انهن چئي هن پنهنجي مهمان کي هڪڙو عمدو هيري جو هار ڏنو سو اهڙو چڱو هو جهڙو اُپ ۾ اڌ رات جو ڪتين جو جڳهمڳو چمڪندو آهي.

پر راجا ورندي ڏني ته "مانواري ديوي! لنهدي هوندي منهنجي استريءَ جي چالاڪي کي ڏهه ورهه ٿيا ويا آهن ۽ آءٌ وري ڪونه پرڻيو آهيان."

راڌا راڻي خوشي ۽ مونجهاري ۾ پيرجي ويئي پر پاڻ کي سنڀالي ورتاءِ ۽ چاهه سان ۽ پڪوري بولي ۾ چيائين "سائين، توهانجي داسيءَ جا سوکڙي توهان لاءِ سنڀاهي رکي آهي سا منهنجي ويتني مڃي قبول ڪريو. موڪل ڏيو ته هي هارڙو مهاراج جن جي سونهاري ڳچي ۾ ڪٽي وجهان."

انهن چوندي هن نيمڪر مرڪيو ۽ اهو عمدو ۽ چاڪٽو ڳهڻو راجا جي ڳچيءَ ۾ ڪٽي وڌاءِ.

ديويندرانات پاڻکي اهڙي ٿاهوڪي ڳهڻي سان سينگاريل ڏسي ڪلي ڏنو.

هن پڇيو ته هي سندر هار سچ پچ منهنجو ٿيو؟"

جي ۽ توهين ڪرپا ڪري اهو انگيڪار ڪريو.

هن گنڀيرتا سان ورندي ڏني ته آءٌ اهو انگيڪار ڪريانتو ۽ هاڻي جڏهين هي منهنجو آهي، تڏهين جنهنکي وڻيم تنهنکي ڪڻي ڏيان.

مهاراج جن جي پائڻ جوڳو نه آهي، ته جئن راجائون ڪندا آهن، تئن ڪنهين به لائق ماڻهوءَ کي ڪڻي بخش ڪريو.

”هي هار منهنجي پائڻ لائق نه آهي يا ائين چئجي ته آءٌ هن هار جي پائڻ لائق نه آهيان، لوهان جهڙي سندري اهڙو سندر هار پائي ته نهي. تنهنڪري آءٌ اوهانکي اهو سوکڙي تو ڏيان.“

انهيءَ ريت اڳين سمي جي دستور پر ماڻي پرش ۽ ڪماريءَ هارن متاثر سان وياهن ڪيو. راجا راڏا راڻي جي سنهڙي ۽ سندر ڳچيءَ ۾ اهو هار ڪڻي پاتو.

راڏا راڻي انهي ڪري ناخوش ڪين ٿي. هن هڪ ڪن ڪندڻ ڪڻي هيٺ ڪيو ۽ پوءِ چڻنچل ۽ عجب ڀريل نيڻن سان پنهنجي مهمان ڏي نهارياءِ. راجا هنجي دل جو حال سمجهو. هو هار آءٌ قبول ڪري نه سگهيس تنهنڪري لوهانکي ڪڻي ڏنم. هاڻي لوهين مونکي بيو هار ڪين ڏيندؤ؟ بيو ڪهڙو؟

توهانجي چاليءَ سان لڳل هار جو توهين پائيندا آهيو.

راڏا راڻي نوڪرياڻي کي سڏ ڪيو واڪو ڪري

ڇپاءِ اٿي آهين؟

چترا هي اشچرج جهڙو ڪيل پرديءَ پنهنجي پياءَ ڏٺو، هن ڇپو سائڻ اچها آءَ آئي آهيان.

راڌا راڻي ڇپو منهنجو ناد ڪٿي آهي؟

(هتي پانڪن ڪي سمجهائڻ گهرجي تہ خوشيءَ منگليڪ ڪارجن جي وقت تي استريون ناد وڄائينديون آهن) چترا وراڻي ڏني تہ ديوي، اڇو هي ناد.

راڌا راڻي آنند ۾ پرجي ڇپو چگو تڏهين، جيترو تي سگهئي اوترو زور سان وڄائينس.

۽ پوءِ هن سندر ڪماريءَ مرڪي پنهنجو چالي سان لڳل گرم ۽ سرهو سڳنڌيو هار ڳچيءَ مان ڇوڙي پنهنجي پريءَ جي ڳچيءَ ۾ ڪٽي پائو. چترا وٺي ڏاڍيان ناد وڄايو تہ سڀ ڪنهن ننڍي وڏي کي سڌ پوي تہ هڪڙو تمام وڏو ۽ ڀاري ڪارج ٿيو آهي!

توهين پڇو ٿا ڇا تہ هن جوڀن واري جوڙي جو پرڻو برابر ٿيو ڪين؟ هائو، بيشڪ هو پرڻيا ۽ بسنتي ۽ هنجا يائر سڀئي شاديءَ تي آيا ها ۽ راجا جي ماڻهن جو ۽ دل آيو هو. بس هاڻي راڌا راڻي جي ڏکن ۽ سکن جون گهڙيون ڳالهيون پڌيو.

**پورو ٿيو**

# سرگواسي ديوان ڪؤڙيمل جا

## لکيل ڪتاب


[١] آريه ناري چرتر ١-٨-٠ ڪُپي ويل

[٢] ساهي جا سلوڪ ڀاڱو ١ ٠-١١-٠ "

[٣] " " " ڀاڱو ٢ ٠-١٤-٠

[٤] " " " ڀاڱو ٣ ٠-٦-٠ ڪُپي ويل

[٥] رتناولي (ناٽڪ) ٠-١٢-٠

[٦] مهاتمائن جا درشن ٠-٥-٠

[٧] روهڻي (ناول) ١-٠-٠

[٨] هري درشن ٠-٤-٠

[٩] پدارٿ سکيا ٠-٦-٠

[١٠] ڪيتي ٢ ڀاڱا ٠-٧-٠

[١١] چندرمکي (ناول) ٠-٨-٠

[١٢] ڀيشم پتامهه ٠-٦-٠

[١٣] شري چيتن ديو ٠-٢-٦

[١٤] جڳديو ٠-١-٦

[١٥] نامديو ٠-١-٠



ڪؤڙومل سنڌي ساهتيه منڊل

سنڌار سڀا حيدرآباد سنڌ.


Gul Hayat Institute

# ڪؤڙيمل سنڌي ساهتيه منڊل

## جا نوان ڇپايل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| [١] | قومي پروانا | ١-١٢-٠ |
| [٢] | هند جو سڳر | ١-١٢-٠ |
| [٣] | انصاف (قومي ناول) | ١-١٢-٠ |
| [۴] | ساهي جا چونڊ سلوڪ | ١-٨-٠ |
| [۵] | سوامي رام تيرٿ | ١-٨-٠ |
| [٦] | شري يوگ واشٽ سار | ١-٦-٠ |
| [٧] | گلابي گل | ١-۴-٠ |
| [٨] | ويرتا جا ورق | ١-٠-٠ |
| [٩] | حڪيمن جو رهبر | ٢-٠-٠ |
| [١٠] | سک جي سکيا | ١-٠-٠ |
| [١١] | ڏکن پٺيان سک | ٠-١٢-٠ |
| [١٢] | پياري آهر | ٠-١٢-٠ |
| [١٣] | ڀڳوت گيتا | ٠-٨-٠ |
| [١۴] | ڇتر | ٠-٦-٠ |
| [١۵] | ڪايا ڪلپ | ٠-۴-٠ |

Gul Hayat Institute

ڪؤڙومل سنڌي ساهتيه منڊل

سندار سيا حيدرآباد سنڌ.

# چونڊ عمدا ڪتاب

| | |
|---|---|
| ميراڻي سنڌري | ١-۴-٠ |
| چٽڪون (چونڊ مضمون) | ١-٨-٠ |
| گلدستو | ٢-٠-٠ |
| ٽارن جو اڀياس | ١-٠-٠ |
| جيوت جا ورق | ٠-١۴-٠ |
| روشن راهه | ١-٠-٠ |
| وديارٿي جيون | ١-٠-٠ |
| باغبان | ١-٨-٠ |
| صحت جو رهبر | ٠-١۴-٠ |
| سدا گلاب | ١-٨-٠ |
| املھ رتن | ٠-١٢-٠ |
| شري ڪرشڻ گيتا | ٠-١٠-٠ |
| چوڙ سينگار | ٠-١۴-٠ |
| سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ | -١٢-٠ |
| پراچين سنڌ و سڀيتا | ١-٨-٠ |

نوٽ- وڏي ڪتابن جي لسٽ لکڻ تي موڪلي ويندي

**ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل**

**سڌار سڀا حيدرآباد سنڌ**